# ڪلام

فيض محمد فيض

سهيڙيندڙ ۽ سموهيندڙ

## ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو

## ٽاڪڙائي

dr.mustafakalhoro@ripri.pk

ريڙي ادبي اڪيڊمي
سنڌ
ripriadabiacademy@com.gmail

# ڪلام

ميان فيض محمد عباسي

**سهيڙيندڙ ۽ سموهيندڙ**

ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو ٽاڳڙائي

RIPRI ADABI **ACADEMY**

B-247/ C-289, STREET NO.13, BHITTAI ABAD,
GULISTAN E JAUHAR, KARACHI, SINDH.
Cell# 03002702459

**ڇپائيندڙ:**

**منظور حسين عباسي**

چيئرمين

**عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ**

(ڪراچي زون)

ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل ڊزائين: مجاهد ميمڻ

پيسٽنگ: قمرالزمان گهانگهرو

ڇپيندڙ: نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ ڪراچي Cell # 03462103811

# فيض محمد فيض



ميان فيض محمد عباسي

# سنڌاءِ

پيغام
مهاڳ
سهيڙيندڙ پاران

# دعائون

1. الوداع اي ماهِ رمضان الوداع
2. 27 رمضان شريف جي رات
3. دعاءِ فيض 1
4. دعاءِ فيض 2
5. دعاءِ فيض 3
6. دعائيہ غزل
7. دعا
8. تمنائي فيض
9. حالاتِ حاضره
10. انقلاب آڻ
11. دؤر حاضر جي زندگي
12. زندگيءَ جا فضائل
13. ڪير هو؟
14. اميريءِ غريبيءَ جي درميان سوال و جواب
15. ضرورت آ
16. جيڪي ڏٺو مون (1998-99)
17. جيڪو مون محسوس ڪيو 1995
18. دؤر حاضر جي

19. مسلمانن جا فضائل
20. ماضيءَ جي مسلمانن جي لاءِ شاعر چوي
21. شاعر پاڪستاني مسلمانن جي ڪردار ڪي هن ريت بيان ڪيو آهي
22. غيرتِ مسلم ويو ٿي چا توڪي ؟
23. نوجوانِ سنڌ جي لاءِ
24. مهراڻ جي ڌرتيءَ جا فضائل
25. نہ ٿي سگهندو
26. مهراڻ ٿي ڪرم ٿيندو

# سياست

1. ليڊرءِ ورڪر جو ڪمال
2. 1993جي مسلم ليگ جي منقبت
3. ڪرسيءَ جا فضائل
4. ضرورت آ
5. ”اليڪشن نامو“ 1993ع
6. Election”هاٿي جيالا ٽڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام آباد هليا“
7. اليڪشن نامو ”ڪونڊر ٽڪيت حاصل ڪري واپس گهر پهتا“
8. جيالو ورڪر پنهنجي ليڊر جون خوبيون تو ٻڌائي
9. اليڪشن: رزلٽ آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ جي صورتحال
10. اقتدارمان ٻاهر ٿي چوي تو تہ :
11. پاڪستاني ليڊر جو جيل مان ارشاد
12. پاڪستاني هوٽل جا فضائل

13. اليڪشن هارائڻ ڪانپوءِ ليڊر جي آهه و زاري
14. ليڊر
15. صاحب اقتدار جي فڪر لاءِ
16. خود شناسي
17. (مان مسلمان آهيان)
18. نوجوان دوستو !۔1
19. نوجوان دوستو!۔2
20. احتساب
21. هلالِ عيد

## غزل (متفرق)

1. ڪير هو؟
2. اميريءِ غريبيءَ جي درميان (سوال و جواب)

## مرثيه

1. مسلمانانِ شام
2. شهيد ن جي ڪهاڻي ٻڌاءِ
3. سگهيو
4. مظلوم ڪربلا
5. بحضور امام عالي مقام
6. ڪربلا
7. شهادت جو مقام
8. ڪربلا هي تہ ٻڌاءِ
9. غم حسين

10. ڪرب وبلا
11. عظمتِ حسين
12. لکين سلام
13. امير المومنين حضرت علي عليہ السلام
14. چا چئجي
15. ميدان ڪربلا ۾ شام غريبان جو منظر
16. حضرتِ شبير ـ 1 مظلومِ ڪربلا
17. حضرت شبيرـ 2
18. شهيدِ ڪربلا
19. نذرانہ عقيدت ـ 1
20. نذرانہ عقدت ـ 2 سلام
21. نذرانہ عقيدت ـ 3
22. نذرانہ عقيدت ـ 4 بحضور شهيدِ ڪربلا
23. نذرانہ عقيدت ـ 5 شانِ حسين:
24. نذرانہ عقيدت ـ 6 حضرت زينب سلام الله عليها
25. نذرانہ عقيدت ـ 7 اي مسلمِ غريب صداقت جا ايلچي
26. نذرانہ عقيدت ـ 8 تون حسيني آن، نفرت نہ ڪر، ڪنهن ڪان جو
27. نذرانہ عقيدت ـ 9 وڏي نصيب جا مالڪ ڏٺم زماني ۾

## متفرق شاعري

### فيض احمد فيض جي هڪ نظم جي چند شعرن جو سنڌي ۾ ترجمو

### پيغام

اها ڳالهه ڪيڏي نه فخر لائق آهي جو عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ، ڪراچي زون، پنهنجي هڪ سال جي ڪارڪردگي ۾ خصوصاً ادب جي ميدان ۾ ته سيني ڪان الله توهار ۾ ئي اڳ ڪديون ٿي وجي. ڪين جس لهٽو جو هن قليل عرصي دوران، سالانه ڪئلينڊرس ۾ فري آءِ ڪئمپ ڪان علاوه هي ٽيون تاريخي ڪتاب ڇپرائي سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيو آهي ۾ پڻ مختلف شخصيتن وڏيرو سلطان علي ڪلهوڙو، استاد محمد منل ڪلهوڙو ۾ هينئر ميان فيض محمد عباسي جي ڪيل ڪارنامن ۾ شاعريءَ ڪي هر ڪنهن لاءِ هبڪار جو سبب بڻايو آهي.

سنڌي شاعري ته تمام شاهوڪار آهي پر خيرپور جي حوالي سان جيڪو ڪلهوڙن عباسين ڪلهو ڏنو اتس پوءِ اهو الطاف عباسي هجي يا تنوير عباسي يا وري ميان فيض محمد عباسي، قابلِ داد آهي.

ميان فيض محمد پاڻ بي ڊپو ۾ ڪُليو ڳالهائيندڙ هيو، سندس شاعريءَ مان به ساڳي خوشبو ڪنيو ٿي وجي.

عباسي ڪلهوڙا تنظيم ڪراچي زون جي چيئرمين جناب منظور حسين عباسي ۾ سندس ٽيم ڪان علاوه مان هن ڪتاب جي سوڪڙي ڏيندڙڊاڪٽرمصطفيٰ حسين ڪلهوڙوتاڳڙائي چيئرمين رپڙي ادبي اڪيدمي سنڌ، ڪراچي ۾ ايڊيٽرعباسي نيوز ڪراچي ڪي پڻ هن جاڪوڙ تي واڌايون ڏيان ٿو ۾ ڪين همت افزائي ڪيان ٿو ته آئنده به ان جذبي ۾ شوق سان تنظيم، قوم ۾ ملڪ جي خدمت ڪندا رهن، اسان جي همدردي ۾ همت ساڻن گڏ آهي ۾ رهندي انشاءَ الله

نيڪ تمنائن سان

پڳدار

حاجي منور علي عباسي

سرپرست اعليٰ

عباسي ڪلهوڙا تنظيم، سنڌ

اپريل: 2008ع

## مهاڳ

# ڏاهپ ۽ ٻوليءَ جي ڀرپُور ڄاڻ سان گڏ، شاعريءَ جي پختگيءَ جي به ضرورت آهي

26 فيبروري 2008ع تي سومر ڏينهن يعني ڪالهه پياري انعام عباسيءَ فون ڪيو ته ڪنهن ضروري ڪم سانگي هُو مون وٽ اچڻ چاهي ٿو، جنهن تي مون ڪيس پليڪار ۾ جواب ڏنو. مون وٽ پهچي، هُن مون کي شاعريءَ جو ڪمپوز ٿيل مواد ڏنو ۽ چيائين ته قرب ڪري ڪيس مهاڳ لکي ڏيان. شاعر ميان فيض محمد، سهيڙيندڙ ڊاڪٽر مصطفيٰ ڪلهوڙو ۽ ڇپيندڙ نئون نياپو اڪيڊمي سچل ڳوٺ آهي. ڪمپوز ٿيل هڪ صفحي جا ڪتابي ٻه صفحا ٿيندا، جو ڪتاب 240 صفحن تي پهچندو، جنهن ۾ مهاڳ وارا صفحا به شامل ڪرڻا آهن، ڪتاب جي ضخامت ڏسي مان ته ڊڄڻ لڳو هيس، ڇو ته ايڏي مواد کي شاعريءَ جو پاڪر نه، پر پَري يا ٿاڙي نه، پر ڏارُ چئبو آهي.

ٻئي ڏينهن تي يعني اڄ اڱاري ڏينهن صبح سوير سڀ ڪم ڇڏي، شاعريءَ پڙهڻ ۽ پرکڻ شروع ڪيم، ۽ پهرئين صفحي کان آخري صفحي تائين پڙهي پُوري ڪيم. جيئن، جيئن پنا اُٿلائي، شاعري پڙهندو رهيس ته منهنجي ذهن تي ملڪي ورهاڱي کان اڳ غيرسنڌي حڪمرانن جيئن ته ايراني، برهمڻ، غزنوي، غوري، ارغون، ترخان ۽ انگريزن جا عڪس ۽ اولڙا پوندا رهيا. سنڌ جي غلاميءَ جو هِي اُهو زمانو هو، جڏهن سنڌ جي دفتري زبان فارسي بڻائي وئي هئي ۽ فارسي مدرسن ۽ اسڪولن ۾ به پڙهائي ويندي هئي. هِن زبان کي ايتري اهميت حاصل هئي جو ڪوبه سنڌي شاعر جيترا فارسيءَ جا گهڻا ۽ ڏکيا لفظ ۽ محاورا ڪتب آڻيندو هو، اوترو ئي هُو وڏو شاعر سمجهيو ويندو هو. اڳتي هلي انگريزن فارسي ٻوليءَ تي منديئڙو ڦيرائي، سنڌيءَ کي دفتري زبان بڻائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو ۽ ائين آهستي، آهستي فارسي ٻولي سنڌي شاعريءَ مان گم ٿيڻ لڳي هئي، جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ نيٺ سنڌي ٻولي استعمال ٿيڻ لڳي هئي.

اسان جي ميان فيض محمد فارسيءَ جي دؤر کي دُهرايو آهي، جنهن شاعريءَ ۾ وڏ ۾ وڏ فارسي لفظ ڪتب آندا آهن. لڳي ٿو، يا ته هِي اُهو ئي ميان فيض محمد آهي جو 1960ع ڪانپوءِ اڳڙن ۾ نوڪري ڪندي، مون ڏٺو هو،جنهن ماضي بعيد جي فارسي ٻولي سنڀالي رکي آهي، يا هيءَ شاعري فارسيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪيل آهي. اهڙا ڪتب آيل فارسيءَ جا لفظ ڪجهه هِن طرح آهن: چاڪ، داماني، ضيافت، بوسيده، سيارگان، پابرهنه، سينچيو، آئينه گر، خلفشار، سربريده، آبِ شبنم، زيست گران وغيره.

ميان فيض محمد زيرِ اضافت به وڏ ۾ وڏ استعمال ڪئي آهي، جا فارسيءَ واري دؤر ۾ استعمال ڪئي ويندي هئي. مثال هِن ريت آهن: بادِستم، صورتِ حالات، ايوانِ حق، خوابِ غفلت، پابندِ وفا، ضبطِ پيهم، پرده محمل، ماهِ انجم، دلِ اضطراب، سينهٔ گل فگار، اندوهِ مجسم، نقشِ پا، زادِ سفر، نانِ جوين، سزاوارِدار، سرِ رهگذار، بارشِ رحمت، لذتِ گريه، اربابِ جنون، رمزِ تبسم، چاڪِ داماني، انجمِ چرخ، جرتِ رندانه، همتِ مردانه، آدابِ وفا، جوانانِ سنڌ، شوڪتِ شاهانه، سرِ بزم، بارِتلوار، وغيره. جملي چاليهه (40) لفظ ۽ محاورا ٿين ٿا.

وا وَ واڌِي [و] کي ڪتب آڻيندي، پاڻ ۾ به لفظ ته ملايا ويا آهن، پر به دفعا ”و“ کي ڪتب آڻي، ٽن لفظن کي به استعمال ڪيو ويو آهي، جا سنڌي شاعِري ۽ سنڌي ٻوليءَ سان وڏي زِيادتي آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌي دنيا جي اُها وسيع ۽ خوشحال ٻولي آهي، جنهن ذريعي هڪ شاعر ٻاونجاهه (52) سِٽن جو بيت جوڙيو آهي، خاص ڪري الف – ب جي ٻاونجاهه حرفن کي اهميت ڏيندي سنڌي تهذيب کي به عالمي سطح تي ماهرن دنيا جي ٽن قديم ۽ عظيم تهذيبن ۾ شامل ڪيو هو. هِي ماضي بعيد جو اُهو زمانو هو، جڏهن هوائي جهاز ۽ ريل گاڏي ايجاد نه ڪيا ويا هئا.

حرف ”و“ جي استعمال جيان اسان جي شاعر ميان فيض محمد زيرِ اضافت ذريعي به ٽن لفظن کي ڪتب آندو آهي. ”و“حرف ۽ زيرِ اضافت جا اهڙا مثال هن ريت آهن: بهادرِ قصرِ سلطاني، بلاءَ موجِ طوفاني، عالمِ اوندوهِ فرات، ستارءَ شبِ غم، شمس و مريخ و زحل، دشت و گلزار و جبل.

ڪٿي ڪٿي هڪ سِٽ ۾ هڪ کان وڌيڪ فارسي لفظ داخل ڪري سنڌي شاعريءَ جي خوشبوءِ ئي ختم ڪئي وئي آهي! مثال طور:

(الف) لبِ ذِي هوش مقفل تہ نادان بہ آچپ
(ب) وقار تشنہ دهانِ فرات جا چئجي!
(ت) غافل بہ غور تمغئہ سازِ حيات بُڌ
(ث) جن آئينن ۾ لهان هو خلوصِ آئينہ گر
(ج) هم نشينان مئہ ناب ڪاڏي گم ٿِي ويا.
(ح) لذتِ گريہ ڪان بيگانہ ٿيا اربابِ جنون
(خ) اِهائي شاخ نشيمن تي آيو رش برق و باران جِي

اُها شاعري جا وزن ۾ پختگي رکي ٿي، اهڙا مثال ڪجھ هن طرح آهن:

اي چشم تر تون ترس، زمانو آ ڪجھ ٻيو
موتين هنن جِي هاٽي، ڪا قيمت نہ آ رهي
ڪائي تو فريبَ فيض، محبت جي نانوَ تي
اج پنهنجي ذات سان بہ، محبت نہ آ رهي

دلين جي ريگزارن تي، وسَي ڪو مينهُن ساونڻ جو
ڪري ڪجھ پي نہ سگهندي فيض هاٽي بوند شبنم جِي

جانِ، دل مهڪائي پنهنجي، گلستان ٻڻجي وجو
نؤجوان رهندي زمين تي، آسمان ٻڻجي وجو
نقش دل تي تو وجي، اي فيض لهجي جو ميناج
تلخ گوئيءَ کي ڇڏي، شيرين زبان ٻڻجي وجو

سالَ هلندڙ ۾ بہ ڏسجي، پئي نہ ٿِي ڪا بهتري
ان ڪري پنهنجي فقط، اعمال تي ماتم ڪريون

آهي جڻ غريبن جو حامي وڏو
قيادت ۾ نامي، گرامي وڏو

اوهان جي ڪامرانيءَ سان، وطن جي ڪامراني آ

اوهان جي زندگانيءَ سان، وطن جي زندگاني آ

*

حالات جي تصوير مان ظاهرِ هي ٿئي ٿو
انسان جي تقدير ۾، آرام نہ آهي
دنيا تہ ساراهيو آ، تنهنجي ظلم، ستم کي
رک ياد تہ هِي امن جو انعام نہ آهي

*

منهنجي مهراڻ جو پرچم، ڪڏهن پيِ ختم نہ ٿي سگهندو
رهندا وڏندا ألا غم جا، عزم هِي ڪم نہ ٿي سگهندو
ايندا نکري هاڻِ ميدان ۾، مهراڻ جا موتي
گهرن اندر ويهي ڪڏهن، ائين ماتم نہ ٿي سگهندو

*

ميان فيض محمد شاعريءَ ۾ استعارا (Metaphors) بہ ڪتب آندا آهن، جي ڪوتا ڪنوار جا زيورَ ۽ سينگارُ سمجها وڃن ٿا. اهڙا ڪجهہ استعارا هن طرح آهن: احساس جو صحرا، خون جو درياهہ، غمن جو ويس، دلين جا ريگذار، بصيرت جي شمع، چاهتن جو فريب، وحشتن جو عذاب، عظمتن جو ساغر.

جيئن تہ هڪ يلوڙ شاعر کي هِنِ طرح بہ مڃتا ملي چُڪي آهي:

"The poet is a harbingers of the Scientists, politicians, Social and welfare learders"

معنيٰ: شاعِرُ سائنسدانن، سياستدانن، سماجي ۽ فلاحي اڳواڻن جو نقيب (رهبر) آهي.

اهڙيءَ مڃتا واري شاعري اسان جي ميان فيض محمد بہ پنهنجي قلم ۽ ذهني سَگهہ ۽ شعاع ذريعي تخليق ڪئي آهي، جنهن مان اَٺ (8) مثال اسان مٿي ڏئي آيا آهيون ۽ سندس ڪجهہ شاعري استعمال ڪندڙ طبقي يا حق ڇنندڙن (Exploiters) بابت بہ آهي. اِهو ثابت ٿي چُڪو آهي تہ شاعريءَ يا نثر نگاريءَ ذريعي جڏهن بہ اهڙي استحصال يا حق تلفين (Exploitation) کي سماج جو استحصال ڪندڙن اڳيان آندو ويو آهي، ڪين وائڪو ڪيو ويو آهي تہ دنيا جي آڏو اهڙا ڪافي مثبت نتيجا حاصل ٿيا آهن. ميان فيض محمد

جي شاعريءَ جا اهڙا مثال اجهو هن طرح آهن:

آ ڪلاشنڪوف جي گوليءَ تي اڄ دارومدار
زندگي جي هِن ڪان زيادهہ، ٻي ڪهڙي توهين آ
پگهرَ، ڳوڙهن، خون ۾ ڏسِ فيض آ ڪهڙو فرق؟
اڄ هِنن سيني شين جو ذائقو نمڪين آ
*

مفلسيءَ ۾ هِي مناظر، پِي آ هن نظرن اڳيان
۽ سوين شيطان، جابر، پِي آهن نظرن اڳيان
بيشمار چنگيز، نادر، پِي آهن نظرن اڳيان
اي غمِ دل! ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل!! ڇا ڪريان
*

ماهِ رمضان، تنهنجي عظمت، تنهنجي شوڪت کي سلام
آن يقيناً تون ئي ٻارنهن ئي مهينن جو امامُ
اي، هلالِ ماهِ رمضان! مرحبا صد مرحبا
رحمتن جو، برڪتن جو، آندو آهي تو پيامُ
*

ٻُڌي پِي ڪونہ تو هِت فيض، ڪنهن مظلوم جون چيخون
هِتي انصاف گونگو آ، هِتي قانون انڌو آ
*

ميان فيض محمد عشقيہ شاعري بہ ڪئي آهي.
اچو تہ سندس عشق ڪرڻ واري چوري پڪڙيون:
محفل ۾ منهنجي نانوَ ڪان، ماٺهو جڏهن جليا
تو مسڪرايو، بس منهنجي، قسمت اِها ئي تہ آ
*

ويون سڄي وري نفرتن جون هر طرف بازارون اڄ
هاڻي محبت نانوَ جي، جنسِ گران ملندي نہ فيض

حقيقت ۾ ميان فيض محمد جي وڏي پئماني تي مذهبي شاعري آهي، جا پندرنهن، پندرنهن صفحن تي بہ پکڙي پئي آهي. ڪتاب جو مهاڳ ڪنهن مُلان يا مولويءَ کان لکرائي ها تہ اِهڙو مذهبي اڳواڻ مون کان وڌيڪ ساڻس انصاف ڪري ها، چاڪاڻ تہ شاعريءَ ۾ مؤلودن ۽ نعتن جو وڏو حصو آهي.

آخر ۾ ميان فيض محمد جو هڪ غزل ڏئي مهاڳ کي پڄاڻي تي پهچائجي ٿو:

غزل

چَون سڀ تا هڪ ”قومي جماعت“ جي ضرورت آ
مگر ڪِن ليڊرن کي بس، صدارت جِي ضرورت آ
سرِ محفل ڏين چو گاريون، پنهنجيءَ حڪومت کي
هنن قومي شهيدن کي، وزارت جي ضرورت آ
ويو گذري بصارت ۽ بصيرت جو زمانو آ
قيادت لئي فقط اڄ مال، دولت جي ضرورت آ
خدا رحمت ڪري تن پاڪ سنڌڙيءَ جي، بہ سنڌين تي
چَون تا جَي فقط بي لوث، خدمت جِي ضرورت آ
نہ ٿِي مڪمل ڪڏهن سگهندي، ضيافت ڪانسواءِ سياست
سياست لئي تہ هر شب فيض، ضيافت جي ضرورت آ.

تاجل بيوس
ڪراچي
26 فيبروري 2008ع

سهيڙيندڙ يارا ن

# ميان فيض محمد عباسي
## هڪ منفرد ۽ انوکو شاعر

مليو آ جو بہ چمن ۾ سو سوڳوار ڏٺم،
بهار آئي،چمن پوءِ بہ بي قرار ڏٺم.

سنڌ جي عظيم ۽ قديم ڌرتيءَ تي ڪجهہ اهڙا مڙس مٽيادار ٿي گذريا آهن، جيڪي پنهنجي مٺيا وسيلي ماڻهن اڳيان موهجڻ جو سبب بڻيا آهن، جن پنهنجي ذات ۽ ذات وسيلي ماڻهن، ٻوليءَ ۽ ادب جي رکوالي پئي ڪئي آهي. اهڙن ذات ڏٺين ۽ ڏاهن ماڻهن مان ميان فيض محمد عباسي بہ هڪ هيو.

اهڙن ڪاپڙين ڪان سنڌ جي سرزمين ڪڏهن بہ سڃي نہ رهي آهي، اجا بہ پئي اپائي ۽ نپائي. هر ڪو پنهنجو وارو وجائي ٿو. ڪير بہ ڪنهن جي جاءِ پري نٿو سگهي. اهڙن ماڻهن لاءِ ڌرتي بہ اباڻڪي ٿيو پوي.

منهنجي مهراڻ جو پرچم ڪڏهن ڀي خم نہ ٿي سگهندو،
رهندا وڏندا اُلا باهہ جا عزم ڪم نہ ٿي سگهندو.

سنڌ ڌرتي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم ويجهي ماضيءَ ۾ سندس ڪيترن ئي فرض نڀائيندڙ اديبن ۽ ارڏن ماڻهن کان محروم ٿيندي پئي وڃي. شاعر جيڪي ڌرتيءَ جا منظر چٽيندا آهن، ٻولي جي جهوليءَ ۾ لفظن جي ورڪا ڪندا آهن، ڪيئن چئجي تہ وري ڪو ميان فيض محمد عباسي ڪڏهن پيدا ٿيندو.

ميان فيض محمد عباسي سن 2 آگسٽ 1919ع ۾ مهتاڻي ڳوٺ، تعلقہ گمبٽ، ضلع خيرپور ۾ پهريون پيرو هن جهان ڪي ڏنو ۽ آخري پيرو بہ اتي ئي سن 3 جون 2001ع ۾ ڏنائين.

هي ڌرتيءَ جو وينجهار هجڻ سان گڏ وڏو شاعر ۽ پارکو پڻ هيو.

ميان فيض محمد عباسي جو خانداني خاڪو هي آهي سندس والد ميان نياز حسين بن ميان رحم علي بن ميان جان محمد بن ميان احمد يار بن تاج محمد المعروف

شاهنواز بن ميان عبدالنبي (آخري ڪلهوڙو بادشاهه) بن ميان نورمحمد ڪلهوڙو بن ميان يارمحمد ڪلهوڙو بن ميان نصيرمحمد ڪلهوڙو بن ميان الياس محمد بن ميان محمد دائود بن ميان محمد آدم شاهه ڪلهوڙو شهيد.

ميان فيض محمد جي خانداني مريدن جو حلقو تمام وسيع هيو پر پاڻ پيريءَ مريديءَ واري رشتي کي برقرار نه رکيائون پر پوءِ به گهڻا ماڻهو ڪين عقيدت وچان گوڏن کان هيٺ هٿ رکي ملندا هئا.

راقم المحروف جو والد استاد محمد مٺل ڪلهوڙو، انسپيڪٽر اسڪولس ۽ ڏاڏو وڏيرو سلطان علي ڪلهوڙو پڻ گهاٽن دوستن ۽ ڏک سک جي ساٿين مان هيا.

شاعريءَ جي حوالي سان ميان فيض محمد عباسي پنهنجي وقت جو سامي هيو، هي پنهنجا شعر پنهنجي ڊائرين ۾ لکندو پريندو ويو. جيڪڏهن ڪو مهمان اچي وجين ته واه نه ته پيو لکندو هيو، ميان صاحب جي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿورن ماڻهن تي اهو راز عيان ٿيو هوندو ته پاڻ ايڏي وڏي پايي جا شاعر هيا. پاڻ پنهنجا شعر ڪنهن محفل ۾ به ڪونه چوندا هيا جو ڪين خود سنائي جو خطرو هيو.

ميان فيض جي شاعري جو انداز منفرد ۽ وڏي مام وارو آهي. ڪٿي ڪٿي فارسي عربي کان علاوه سنڌي ايڏي ته سادي ۽ سولي استعمال ڪئي اٿائين جو پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، شهري توڙي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو، شعر جو ڄاڻو توڙي اڻ ڄاڻ پوءِ پلي ڪو ادب سان وابسته هجي يا نه هجي ته به سندس شعر پڙهڻ ڪانپوءِ بي اختيار زبان مان واهه نڪري ويندس.

ميان فيض محمد عباسي ڪڇهريءَ ۾ ڪڙڪائيءَ سان ۽ بي ڊپو ٿي ڳالهائيندو هيو. پاڻ شاعريءَ ۾ هڪ ماهر وانگر هن دور جي دردن ۽ دشوارين جو نه رڳو ذڪر ڪيو اٿائين پر ان سان گڏوگڏ انهن جو علاج پڻ ڏسيو اٿائين. پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڙو سچ چوندڙ، سنڌي ٻوليءَ جو هي منفرد ۽ انوکو شاعر هيو. سندس شاعريءَ ۾ وڏيري نٺيري، سياسي ليڊر يا ڪارڪن کان علاوه بيوروڪريٽ جي بيمانين تان پردو پڻ کنيو اٿائين.

ميان صاحب جون عام ڪچهرين ۾ چيل ڳالهيون پڻ مثالي ۽ وڏي معنيٰ واريون آهن، جن مان هيءَ ڳالهه پڻ مشهور آهي ته 1988ع واري جنرل اليڪشن ۾ بن مخالف پارٽين جا پير اميدوار سندس حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ووٽ وٺڻ جو عرض ڪيائون، ميان صاحب چين ته مان پنهنجي منهن (Face) کان پچان ته پوءِ اوهان کي جواب ڏيندم، ان جواب تي اميدوارن جيڪي پيراڻين گادين جا وارث هيا، کي حيرت لڳي ۽ چيائون ته ميان صاحب! توهان منهن کان چا پڇندؤ، ماڻهو ته چوندا آهن ته پائرن کان پڇون، برادري وارن کان پچؤن يا راج پاڳ کان پڇؤن پر توهان جو جواب ئي منفرد ۽ نئون آهي سو مهرباني ڪري پاڙي جي پيرن کي مان ڏيو ۽ وضاحت ڪيو ته منهن کان چا پڇندؤ؟ تنهن تي ميان صاحب جواب ڏنن ته منهن کان پڇندم ته هن کي تئو گهرجي يا دانگي، هڪڙي پاسي ڏانهن تئو آهي ۽ ٻئي پاسي ڏانهن دانگي. سو غريب ماڻهو وجي ته وجي ڪيڏانهن، توهين ته ووٽ وٺڻ کانپوءِ ورندؤ ئي ڪونه. ميان صاحب جو اهو بي لڌتو جواب ٻڌي وري ڪو اميدوار وٽس ووٽ وٺڻ لاءِ ڪونه آيو.

بي ضميري شرط اول ٻڄي ويو،سياست ۾ اڄ،
ان ڪري ئي ڏوڙ پائڻ کان مون آ توبهه ڪئي.

ميان فيض محمد پنهنجي زندگي لاغرضي ۽ بي ڊپي گذاري. ڪجهه وقت درازِ عمر ۾ بيماريءَ جا ڏينهن گذاري 3 جون 2001ع تي مالڪ حقيقي ڏانهن راهي ٿيا.

ميان صاحب جي موتين جهڙي مواد کي اڏوهيءَ کان بچائڻ لاءِ راقم الحروف سندس پٽن ميان فدا حسين ۽ ميان شوڪت حسين عباسي کان علاوه سندس خادم الخاص مسٽر نظام الدين سرگاڻي جو پڻ شڪرگذار آهي. ان کان پوءِ وڏا وڙ جناب منظور حسين عباسي صاحب چيئرمين عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ، ڪراچي زون جا جن جي همٿ افزائي ۽ هر لحاظ جي سهڪار ڪانسواءِ هي رسالو اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ممڪن ۽ آسان ٿي پيو.

آ فيض جي تمنا ته ٿئي هيءَ دعا قبول،
منهنجي مرڻ کانپوءِ به منهنجي گفتگو رهي.

# ڊاڪٽر مصطفيٰ حسين ڪلهوڙو
# تاڱڙائي

**چيئرمين**: رپڙي ادبي اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي.

**اعزازي ايڊيٽر**: ”ماهوارعباسي نيوز“ ڪراچي

**ميمبر**: هيومن رائيٽس گروپ آف پاڪستان

**مانيٽري سيڪريٽري**: عباسي ڪلهوڙا تنظيم سنڌ، ڪراچي

**ميمبر**: شاهه سچل سامي ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪراچي

**ميمبر**: پاڪستان سوشيالاجيڪل ايسوسيئيشن

**ميمبر**: فاير پروٽيڪشن، ايسوسيئيشن آف پاڪستان

# دعائون

# الوداع اي ماهِ رمضان الوداع

ماهِ رمضان تنهنجي عظمت تنهنجي شوڪت کي سلام
آن يقينًا تون ئي ٻارهن ئي مهينن جو امام

اي هلالِ ماهِ رمضان، مرحبا صد مرحبا
رحمتن جو برڪتن جو آندو آهي تو پيام

آجزا روزي جي ديدارِ خدائي ذوالجلال
آهي روزيدار لاءِ ڪيڏي بلنديءَ جو مقام

دسترخوانن تي ميوا ۽ آهن مشروبِ وقت
الله الله ٿيهه ڏينهن افطار جو هي اهتمام

نشئہ صبر و رضا سان چور آهن قلب و نظر
پي چڏيو آ جڻ تہ روزيدار بس وحدت جو جام

الوداع اي ماهہ رمضان الوداع
ويندي ويندي وٺندو وڃ روزيدارن جو سلام

زنده رهياسون جي تہ ڏسندا سون وري تنهنجو جمال
سال پر ڪندا رهندا سون ياد توکي صبح و شام

بارگاهِ رب ۾ پنهنجو سر جهڪائي چڏ تون فيض
بس! تنهنجي نالي تي ويندو لکيو جنت جو قيام

❊

# اڄ 27 رمضان شريف جي رات

ڏسي جلوه انوارِ سحر، اڄ جي رات
رڪجي ويو قافلہ شمس و قمر، اڄ جي رات

سرورِ ڪون و مڪان، صاحبِ قرآن بنيو
انڪري ماڻهو آهن، سرگرمِ سفر اڄ جي رات

رات اڄ جي معطر ۽ منهنجي دل پيي معطر آ
خوش آهن گل بہ سرِ شاخ شجر اڄ جي رات

رات اڄ جي اُجالن جو مقدر آ بنيل
بند ٿيندو نہ ڪو روزنِ در اڄ جي رات

اڄ جي رات نہ ڪجھ بچندو سمهڻ وارن لاءِ فيض
جاڳڻ وارائي تہ پائيندا ثمر اڄ جي رات
❊

# دعاءِ فيض - 1

فيض جي متيءَ ۾ شامل ٿي وڃي خاڪ شفا
دردِ عصيان جي الاهي، مان دوا بنجي وڃان

بالا آ انتهائي عقل کان غمِ حسين
مجبور آ شعور، اتي دست رس نہ آ

رڪانءُ ذڪر پاڪ سان مصروف روح ڪي
ڏينهن رات ٿو روئان ۾ روئڻ کان مون بس نہ آ

دل مضطرب آ، روح فدائي غمِ حسين
ليڪن قضا و قدرت تي انسان جو وس نہ آ
❊

# دعاءِ فيض-2

قاتل نتا ٿين عمر درازيءَ جا اهلِ دل
جيڪا بہ زندگي رهي بس! سرخرو رهي

آ فيض جي تمنا تہ ٿئي هيءَ دعا قبول
منهنجي مرڻ ڪانپوءِ بہ، منهنجي گفتگو رهي

چوِ اعتبار اچي منهنجي پارسائيءَ جو فيض
عادت آ جن جي، مونکي، گنهگار ٿي ڏسڻ

اصلِ وفا جي شعلہ نوائي بہ مون ڏٺي
رهجي ويو هاڻي، رهگذر دار ٿي ڏسڻ

❊

# دعاءِ فيض- 3

دعا هردم آ لب تي هيءَ خدا کان
خدا محفوظ رکي هر بلا کان

پروسوئي نہ آهي زندگيءَ تي
ڪڏهن ٿئي ملاقات قضا سان

وهائي ٿو جو پيو انسانيت جو خون
ٻڌي ٿو سو سدائين، بد دعا سان

اٽل هي فيصلو آ، امتن جو
نہ ٿيندو مسئلو هي حل جفا سان

اطاعت ڪيئن ٿا ڪن، عاشق پيا
اطاعت ڪرڻ سک تون ڪربلا کان

يقينن دور ٿي ويندي هي مشڪل فيض
رهيو جب رابطو مشڪل ڪشا سان

❊

# دعائيہ غزل

چمن ۾ گلڙا ٽڙن، موسم بهار رهي
گلاب جسم مهڪندا رهن، نکار رهي

رفاقتن جا اهي ئي دور موتي اچن
مسرتن سان هر هڪ شخص همڪنار رهي

راهِ وفا تي ڄمي، اعتماد سان هلو
هي سلسلہ بہ رفاقت جو يادگار رهي

عجيب رسم هلي آ، جو هن زماني ۾
ڪري جو چمچا گيري سو ئي باوقار رهي

رهيو خدا جي رضا تي سدائين راضي فيض
انهيءَ ڪري ئي سدائين تو خوشگوار رهي

❊

## دعا

خداوندا اسان جي ملڪ جي هيءَ ڇا قيامت آ
جو ملڪِ امن و راحت هو، سو هاڻي ملڪِ وحشت آ

هي ڪهڙي قسم جي ڦر آ، جو جسم و جان بہ ڦر جي ٿي
هي ڪهڙي قسم جو گهر آ، جنهن ۾ خوفِ هلاڪت آ

عجب جور و جفا جي گرم بازاري ٿي وئي آ جو!
ٿي ويو ماڻهوءَ جو رت سستو، وڏي پاڻيءَ جي قيمت آ

آ مقتل جو سمو ڇو ڪوچئہ و بازار تي طاري
ڏسو جاڏي بہ اوڏاهين فقط ڇا نيل هلاڪت آ

الله! رحم ڪر هن ملڪ جي ماڻهن تي جو!
نہ عزت جو تحفظ آ، نہ هت جان جي حفاظت آ

❊

# تمنائي فيض

نہ راحت جي تمنا آ، نہ آرزوئي مال
نہ ترڪِ جورو ستم جو سوال آهي ڪو

نہ مرتبي جي تمنا، نہ آرزوئي وصال
نہ توڪان جاه و حشم جو سوال آهي ڪو

بس! رهي وقار فقط، فيض جي تمنا آ
نہ گهرجي هن ڪان زياده، نہ پيدا سوال آهي ڪو

❊

# حالاتِ حاضره

هر گام تي ميت، هر موڙ تي تشدد
مشڪل ويو جيئڻ تي، خود دار آدميءَ جو

هيءَ بي دلي هي نفرت ، هي بي حسي هي وحشت
ردِ عمل آ جان ڪان بيزار آدميءَ جو

ٻڌ باضمير صاحب، هن رزم گاهِ شر ۾
غيرت ئي آهي سهڻو هٿيار آدميءَ جو

انسان دشمنيءَ جي منصوبہ بندين ۾
اقرار ڪان آ. افضل انڪار آدميءَ جو
❊

# انقلاب آڻ

هاڻي خدايا منهنجي چمن ۾ بهار آڻ
نابود جو خزان کي ڪري، سو انقلاب آڻ
ناهي سڪونِ دل ۾ خوشي مثل خواب ٿي
هاڻي فقط آ، آهه و فغان ، انقلاب آڻ
ٿي انتها وئي آهي، هر ڳالهه جي هينئر
ڪجهه ٻي رهيو نه باقي آهي انقلاب آڻ
ٿي خشڪ ويو آ خون ۾ غيرت نه آ رهي
ٻيڙو ڪيو آ غرق طمع انقلاب آڻ
هئي جن جي ڏوم ٻيرِ طريقت جي چئو طرف
سي ٻي ويا وڪامي آهن، انقلاب آڻ
آهي وهي رهيو هاڻي انسانيت جو خون
ٿي خواب ويو آ، امن و امان، انقلاب آڻ
جن کي نه ڪو ٿو هوءِ نه لانڍي ويهڻ لاءِ ، سي
ڪارن ۾ اڄ گهمن ٿا پيا، انقلاب آڻ
توکانسواءِ نه ٻيو ڪو سهارو فيض کي
ملت به منتظر آ هاڻي انقلاب آڻ

❊

# دؤر حاضر جي زندگي

هيءَ زندگي عذاب آ، قهرو وبال آ
هن ۾ سڪون جو نالو فقط خواب و خيال آ

سچائي جو قحط ۽ مروت جو ڪال آ
هن ڏڪ ۾ هر شريف، منهنجو هم خيال آ

سگهيو ملي نہ مون کي، تحفظ پنهنجي ئي گهر ۾
رسوائين جو خوف ۽ دل ۾ ملال آ

هر شخص پنهنجي ذات ۾ تنها آ دوستو
جنهن طرف اک اٿي تي حزن و ملال آ

هن گلشنِ حيات ۾ هر گل آ داغدار
فيض دل جي هر مراد هتي پائمال آ

❊

# زندگيءِ جا نظائر

ڪٿي بوءِ گل مان عيان زندگي آ
ڪٿي معتبر رازدان زندگي آ

ڪٿي آهن بهار جون رنگينيون
۽ ڪنهن هنڌ مجسم خزان زندگي آ

ڪٿي علم جي نور سان آ منور
ڪٿي جُهدِ پيغمبران زندگي آ

ڪٿي آهي محڪوم روزِ ازل کان
ڪٿي بادشاهِ جهان زندگي آ

ڪٿي امنِ عالم جي نغمہ تي رقصان
ڪٿي مثلِ آتش فشان زندگي آ
ڪٿي تي آ تسڪينِ دل جو سبب
ڪٿي بي نوا، بي زبان زندگي آ

ڪٿي هر قدم تي پيامِ مسرت
ڪٿي هر دم امتحان زندگي آ
ڪٿي تي آ محروم نانِ جوين کان
ڪٿي مالڪِ ڪهڪشان زندگي آ

ڪٿي آ غرور و تڪبر جي حامل
ڪٿي شوخيءِ دلبران زندگي آ

ڪٿي پابرهنہ ڪٿي سر بريده
ڪٿي خلعتِ انس و جان زندگي آ

ڪٿي ساقيءِ حوض ڪوثر جي صورت
ڪٿي فيض تشنہ دهان زندگي آ

❊

# ڪير هو؟

ويو اٿي دارِ جهان مان شاهه عالمگير ڪير
خاڪ ۾ پنهان ٿيو آ، صاحبِ توقير ڪير
هر طرف غم ڇانئجي ويو آهي اڄ مثلِ غُبار
هن جهانِ رنگ وبُو کي ويو ڪري دلگير ڪير
ڪنهن کي دنيا ٿي روئي، ڪير هو سو ديده ور
آسمان تون ئي ٻڌاءِ هو صاحبِ توقير ڪير

# آسمان ٻڌائي ٿو:

هُو هو نرگس، هو هو لالہ، هُو هيو سرو و سمن
گل هو هُو خوشبُو هو هُوءِ هيو رنگِ چمن
روح جي تسڪين، سڪونِ دل، نگاهن جو قرار
حاميءِ دينِ پيغمبر، رحمت پروردگار
قصرِ ملت جو محافظ، قصرِ شاهيءَ جو حريف
جو تصور ۾ جوان هوءِ نگاهن ۾ ضعيف
جرم حق گوئيءَ ۾ ويو ٿي هُو ايئن ئي دار ڏي
جڻ وڃي آهي رهيو ڪوڪوچئہ دلدار ڏي
هن جا فرمودات آهن جڻ تہ پٿر تي لڪير
سمجهندا تن کي اسان جا، فيض ڇا روشن ضمير
*

# اميري ۽ غريبيءَ جي درميان سوال و جواب

چيو هڪ ڏينهن غريبيءَ کي، اميريءَ هو فنا تي فيض
ڪرين جهيڙو تي پئي مون سان منهنجي درجي گدا تي تون
منهنجا بندا زماني پر جون رنگ رليون ملهائين ٿا
تنهنجا بندا سواءِ روئڻ جي سڀ ڪجھ ئي وسارن ٿا
منهنجي لغزش ۾ خوبي ۽ بدي پڻ پارسائي آ
تنهنجي نيڪي گناهه ۽ بزدلي آ، بي حيائي آ
اُٿان تي مان تہ مون اڳيان تي دنيا پئي جُھڪائي سر
وڃان جاڏي پڻ نُصرت ڪامراني تي جهڪائي سر
منهنجي رُخ تي مسرت جي فراواني تي پئي جهلڪي
تنهنجي رخ تي سدا افلاس جي لعنت تي پئي جهلڪي
رهائش آ منهنجي محلن ۽ عاليشان گهراڻن ۾
رهين ٿي تون سدا اُجڙيل ۽ گندن مڪانن ۾
ٻڌيون ڳالهيون غريبيءَ سڀ ڏاڍي صبر وتحمل سان
ٻڌايون هيون اميريءَ جي نزاڪت ۽ تحمل سان
مُتانت، سان اُٿي ۽ سر هلائي بينظيريءَ سان
ڏاڍي آهنگيءَ سان هيءَ مخاطب تي اميريءَ سان
ٻڌايان تنهنجو هي سڀ ساز و سامان ڪنهن جي دولت آ
ٻڌي وٺ بي خبر هي سڀ غريبيءَ جي ئي دولت آ

❋

# ضرورت آ

چون سڀ ٿا تہ هڪ ”قومي جماعت“ جي ضرورت آ
مگر ڪن ليڊرن کي بس صدارت جي ضرورت آ

سرِ محفل ڏين چو گاريون پنھنجيءَ حڪومت کي
هنن قومي شهيدن کي وزارت جي ضرورت آ

ويو گذري بصارت ۽ بصيرت جو زمانو آ
قيادت لئي فقط اڄ مال، دولت جي ضرورت آ

خدا رحمت ڪري تن پاڪ عادت عاشقن تي
چون ٿا جي فقط بي لوث خدمت جي ضرورت آ

نہ ٿي مڪمل ڪڏهن سگهندي ضيافت کانسواءِ سياست
سياست لئي تہ هر شب فيض، ضيافت جي ضرورت آ

❊

(1998-99)

# جيڪي ڏٺو مون

صورت حال نازڪ ئي نہ پر سنگين آ
پر نم آهن اکيون سڀن جون، دل ڏاڍي غمگين آ

آ ڪلاشنڪوف جي گوليءَ تي اج دارو مدار
زندگيءَ جي هن ڪان زياده ٻي ڪھڙي توهين آ

جاڏي وڃو آهي دونھون ، باھہ يا خاڪ و خون
ناهي خبر ڪھڙو آ منظر ۾ هيءَ ڪھڙي سين آ

ابتري و انتشار و غارتگري، ۾ ڪشت و خون
بس اهائي آسودگي آ ، ۾ اها ئي تسڪين آ

پگھر، ڳوڙهن، خون ۾ فرق ويو رهجي ڇا فيض
اج هنن سيني شين جو ذائقو نمڪين آ

ٿي عجب حالت وئي آ فيض اج ان قوم جي
جنهن جو پرچم سبز آ، اسلام جنهن جو دين آ

❊

1995ع

# جيڪو مون محسوس ڪيو

ڪيڏو لاچار، پريشان هتي آ انسان
ڪيڏي غربت ۽ گراني ءَ جي ڪشا ڪش ۾ آ انسان
هتي انسان جي جذبات جي قيمت آهي پيسو
هتي انسان جو معيارِ شرافت آهي پيسو
حسدِ ملت ۾ لڪل آهن هزارين ناسور
ڪو اچي اهڙو خميني جو مٽائي هي فتور
جيڪي لاچار آهن، نادار آهن، بي مايا آهن
مفلس آهن، مجبور آهن ۽ بي سايا آهن
تن جي افلاس ۽ غربت کي سنڀالي ڪوئي
هاڻي هن قوم کي اڳتي تي بچائي ڪوئي
قوم تي نزع جو عالم آ، توکي علم نہ آ
ملڪ تي موت جو سايہ آ، توکي علم نہ آ
هيءَ امانت جيڪا ورثي ۾ ملي هئي توکي
ڪيڏي بي دردي سان مٽيءَ ملايو تنهن کي آ تو
توکي هن قيمتي ورثي جو ذرا پاس نہ آ
ياد رک هي فقط ملڪ نہ آ، جذبہ احساس بہ آ
جيڪي هر موڙ تي دشمن سان رهيا هئا لڙندا
جيڪي آزادي ملت تي رهيا هئا مرندا
عزت و نفس، مساوات ، هئي جن جي تڪبير
اڄ اچي سي ڏسن هن ملڪ تنهنجي جي تصوير

❋

# دؤرِ حاضر جي مسلمانن جا فضائل

ٻڌاءِ اڄ مسلمان تنهنجي زندگي ڇو
عجب لذتن سان ٿي وئي همڪنار

عجب تنهنجا فڪر و نظر ٿي ويا
عجب تنهنجي ڪردار ۾ انتشآر

محافظ رهيو تنهنجو قرآن مگر
سرور طرب ٿيا تنهنجا ڇو حصار

پسند توکي نغمہ فقط اڄ ڍالر جا
اذانِ سحر توکي آ ناگوار

ڏسي اڄ مسلمان تنهنجوهي عمل
جبينِ حرم پيي ٿي آ، شرمسار

خزان ديده تنهنجي چمن ۽ زار ۾ بس
آهي فيض کي انتظارِ بهار

❋

# ماضيءَ جي مسلمانن جي لاءِ

ڪڏهين حق جي خاطر رهئين بيقرار
راهہ زندگيءَ ۾ هئين شاهڪار

ڪڏهن بحر و بر توکان لرزا هئا
ڪڏهن عرش اعليٰ تي تنهنجي پڪار

ڪڏهن طورِ سينا تي تون منتظر
ڪڏهن تنهنجو جبريل کي انتظار

ڪڏهن تنهنجي منزل هئي بدر و حنين
ڪڏهن ڪربلا سان رهيو توکي پيار

تنهنجون کهڙيون کهڙيون مان وصفون لکان
هئين ڪلهہ تون حق تعاليٰ جو شاهڪار
❊

# پاڪستاني مسلمانن جو ڪردار

دلين ۾ خيالن ۾ ۽ آرزو ۾
اسان جي ارادن ۾ ۽ جستجو ۾

اسان جي جسم ۽ اسان جي رڳن ۾
طبيعت ۽ عادت ۽ فطرت ۽ خوف ۾
❊

اسان جي هر هڪ ڳالهه ڏوڪو فريب آ
ڪمينن کان بدتر اسانجو چلن آ

نظر فيض کي صرف اچي پئي نجاست
اسانجي روشِ ننگ اهل وطن آ
❊

# غيرتِ مسلم ويو ٿي ڇا توکي ؟

نبض تنهنجي ايتري مدّم ڇو آ ؟
تنهنجي قوت، تنهنجي همت گهٽ ڇو آ؟
درد ۾ تنهنجي ٻڌل آ شام ڇو؟
سوچ! دنيا ۾ آهين ناڪام ڇو؟
تنهنجي رسوائي زبانِ عام ڇو؟
اڄ مسلمان برائي نام ڇو؟
غيرت مسلم ويو ٿي ڇا توکي ؟
❊

# نوجوانِ سنڌ جي لاءِ

لب تہ مظلوم جا، خاموش آهن، پر!
زخمي چهرن جي سا تحرير، نگاهن ۾ آ

هنن ئي انذارن مان ايرٽو آ، يقين جو سورج
صبح آزاديءِ مهراڻ نگاهن ۾ آ

گيت ڳائيندا ليون لاٽان وري، فيض نہ ٿي تون مايوس
خوش نما خوابن جي تعبير نگاهن ۾ آ

❊

# مهراڻ جي ڌرتيءَ جا فضائل

ڌرتي مهراڻ جي جنت آ، جو هن ڌرتيءَ جي
ذري ذري مان ٿو جهلڪي پيو گلستانِ ارم

هن جا ڪوهسار به بخمل جي قيام ۾ ملبوس
هنجي صحرائن جي واري به آ ريشم ريشم

ڪهڙِي موسم به هجي، هن ۾ سدائين آ بهار
منهنجي سنڌڙيءَ جا بدلبا نه رهن ٿا موسم

مونکي ان لاءِ آهي مهراڻ جو هر فرد عزيز
ماڻهو مهراڻ منهنجي جا جو آهن سڀ ڪان عظيم

مان ڀلا ڪنهن سان شڪايت ڪريان بربادي‌ءَ جي
ڇو جو پنهنجن ۾ رهيو ناهي، ذرا ڀر به شرم

جي طلب آ ته فقط هيءَ، ته رهي فيض هي سنڌ
مان رهان يا نه رهان، پر رهي مهراڻ سندم

*

# نہ ٿي سگھندو

منھنجي مھراڻ جو پرچم ڪڏھن پيي خم نہ ٿي سگھندو
رھندا وڏندا اُلا غم جا، عزم ھي ڪم نہ ٿي سگھندو

ايندا نڪري ھاٽي ميدان ۾ مھراڻ جا موتي
گھرن اندر ويھي ڪڏھن ائين ماتم نہ ٿي سگھندو

ستم گر جيستائين تخت تي موجود رھندا فيض
تيستائين علاج ديده پرنم نہ ٿي سگھندو
❊

# مهراڻ تي ڪرم ٿيندو

آخر مهراڻ تي مولا جو ڪرم پيو ٿيندو
۽ هي دوزخ بہ ڪنهين ڏينهن اِرم ٿي ويندو
گهبرايو نہ زندا ٿيو هاڻي جو روجنا ڪان
آڪڙيل هي جسم جبر جو خم ٿي ويندو
آ ٿيڻ وارو هاڻي صبح نئين باب جو بس
ظلم جو باب هاڻي جلد ختم ٿي ويندو
پيل رڪاوٽ هو ڪڙي ڪندا رهن راهن ۾
پوءِ بہ هي قافلو هاڻي تيز قدم ٿي ويندو
اهو وقت بہ ايندو جڏهين مظلوم تي فيض
جو بہ هٿ اٿندو قلم ٿي ويندو

❊

# سیاست

# ليڊرءِ ورڪر جو ڪمال

ڏيکاريو آ ليڊر وڏو ئي ڪمال
ٿي آ قوم نعرن تي ڏاڍي نهال

مسائل هئا جي ٿيا حل تمام
خوشين ۾ نہ ماپن پيا ٿا عوام

جهين کي پيو ڏسو گرم گفتار آ
سندس تي وئي تيز رفتار آ

ڪنهين جي زبان تي روان زنده باد آ
۽ ڪوئي چوي ٿو پيو مرده باد

جمائي ٿو ورڪر اليڪشن جو رنگ
سيئي پيو سيڪاري ليڊر کي ڏنگ

بوقت ضرورت ٿو ميدان ماري
ڪنهن کي جياري، ڪنهن کي ٿو ماري

ڪيرائڻ ۽ چاڙهڻ ۾ ماهر آ، هي
اوهان ڪجهہ بہ سمجهو ظاهر آ، هي

ڏسي فيض ليڊر جون هو ماڙيون
نچي خوب ووٽر، هڻي تاڙيون.

❋

## 1993 جي مسلم ليگ جي منقبت

ميان فيض لک ليگ جي تون منقبت
انهيءَ جي ثنا ڪر، انهيءَ جي صفت

خواص هن مان پائن ٿا نام و نشان
عوام هن جي چائونٽ تي وقفِ سجود

زبان هن جي تعريف ۾ گُل فشان
قلم هن جي تعريف ۾ تَر زبان

جو پِي ڪارڪن ٿو ٿئي ليگ جو
نزول ان تي رحمت جو شام و سحر

قيادت پسندن جي پشت و پناهه
وزارت پرستن جي آما جگاهه

جو آ، هن جي سرڪار جو خانزاد
خدا ان ڪان راضي، بشر ان ڪان شاد

اهو ئي آهي مرڪز وحي و الهام
نويدِ ظفر آهي هن جو پيام

❊

## ڪرسيءَ جا فضائل

ڏٺم ڏاڍا اهي مجنون، آ جن جي دلربا ڪرسي
نظر چوطرف جن کي ٿي، اچي ليليٰ نما ڪرسي

ڏاڍو مسرور تين ٿا هي، وڃي جي ٿي عطا ڪرسي
ٿين مغموم ڏاڍو ٿا، جڏهين ٿئي ٿي جدا ڪرسي

رهن دلگير ڏاڍو ٿا، جدا ٿي جي وڃي ڪرسي
هنن ڪُهنہ مريضن لاءِ، آهي دار الشفا ڪرسي

نہ اچ تائين آ ڪنهين جي ٿي، وڏي فنڪار آ ظالم
وڏي آ بيوفا، بڇڙي ۽ ڏاڍي بي حيا ڪرسي

مگر توکي فڪر ڇو آ، ٿئي تو جو ٿيڻ ڏي فيض
نہ تون شيدا آن ڪرسيءَ جو نہ تو تي آ فدا ڪرسي

❋

# ضرورت آ

سر محفل هو ڏي ٿو گاريون پنهنجي حڪومت کي
ٻيو ڪجهہ ٻيي نہ آ، هن کي وزارت جي ضرورت آ

ناهي اڄ ڪلهہ ضرورت هت، بصارت ۽ بصيرت جي
وزارت لاءِ فقط هت چمچا گيريءَ جي ضرورت آ

ڪري سگهندي نہ پيدا جلوه، ضيافت ڪانسواءِ سياست
سياست لاءِ هتي هر شب، ضيافت جي ضرورت آ

جتي چندو اتي بندو، جتي بندو اتي چندو
مگر! هن فَن ۾ ٻيي ٿوري فراست جي ضرورت آ

خدا رحمت ڪري تن پاڪ عادت عاشقن تي فيض
چون ٿا جي فقط بي لوث خدمت جي ضرورت آ

❋

## ”اليڪشن نامو“ 1993ع

هلي آهي سياست جي اهڙي هوا
فلڪ کان زمين تائين نئين آ فضا
وڏي گرما گرمي آ بازار ۾
اهوئي آ ٽاپڪ هر هڪ ٻار ۾
ڪراڙن، جوانن ۾ هي تذڪره
آ ٽيڊين ۾ پيي بس اهو تبصرو
ڪلارڪ هجي يا پلي هو خطيب
صحافي هجن پل شاعر يا اديب
وڏو سيٺ يا هو عطائي حڪيم
ڪرامت علي يا هو عبدالحڪيم
سياسي اناڙي يا سياست ڏٺي
هجي هو غني يا عبدالغني
هو پير طريقت وڏو جنهن جو نام
هو ڏاڙهي ڪوڙيل جو اڏائي ٿو جام
جتي پيي ڏسو بس فڪر آ اهو
هجي گهر يا هوٽل ذڪر آ اهو
ويا گم ٿي سياست ۾ سارا عوام
اهوئي آ هي ڏندو سندن هاٽي عام
ٻڌايان مان سياست جون ڳالهيون چا فيض
وجي پرجي دفتر ، نہ پرجي هي پيٽ
❊

Election

## ”هاٽي جيالا ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام آباد هليا“

ڀڄي امام ضامن هي ليڊر هليا
ٽڪيٽ هٿ ڪرڻ لاءِ هي ڪونڊر هليا
ڪوئي ريل گاڏيءَ ۾ ٿي ويو سوار
ڪوئي ڪار موٽر ۾ ٿي ويو سوار
ڪراچي ۽ لاهور، ڪوئٽه پشاور
اچي پهتا پنڊي، سيئي جانثار
هجوم آهي هاٽي هنن جو هتي
صدا هڪ ئي آهي سين جي هتي
سخاوت آ مشهور تنهنجي مدام
ٽڪيٽ جو سوالي آ تنهنجو عوام
بلاول جي صدقي منهنجي ٻڌ صدا
برابر آهن ڪم منهنجا پيي جڏا
رهڻ لاءِ بہ گهر ناهي ليڊر منهنجا
عطا ڪر ٽڪيٽ مونکي ليڊر منهنجا
ڀڄي جو بہ ان جي لبن تي اچي واهہ
۽ سارو زمانو چوي فيض واهہ

*

## اليڪشن نامو
## ”ڪونڌر ٽڪيٽ حاصل ڪري واپس گهر پهتا“

اليڪشن جا ڏينهن ۽ اليڪشن جي رات
آهي ٻي ڪنهن جي نہ وائي ڪا وات

ڏيڪارين سيئي ٿا پنهنجو چلن
ڳڻائن سيئي ٿا پنهنجون سڀ صفات

جتي ڀي ڏسو بس اها گفتگو آ
جتي ڀي وڃو آ، اليڪشن جي بات

ڪنهين جو هي نعره تہ تنهنجي آ هار
ڪنهين جي آ دعويٰ تہ منهنجي آ مات

ڏين پيا ڏٽا خوب ووٽر هنن کي
خبر ناهي ڪنهن سان آ ووٽرن جو ساٿ

خبر فيض پوندي جڏهن کلنديون پيٽيون
سهي زخم ڪاري، ڪري ويندا مات
❉

# جيالو ورڪر پنھنجي ليڊر جون خوبيون ٿو ٻڌائي

بيان پنھنجي ليڊر جون خوبيون ڪيان
فضائل جيئن ھن جا وجن ٿي عيان

جتي ووٽرن جو ھي جھرمٽ ڏسي ٿو
اتي رحم دل ٿي ، ائين ھي ڏسي ٿو

آھي جڻ غريبن جو حامي وڏو
قيادت ۾ نامِي گرامي وڏو

انوکو طبيعت جو مالڪ آھي
۽ پر پيچ راھن جو سالڪ آھي

ڪٿي خدمتن جي ڪھاڻي ڪري ٿو
ڪٿي مصلحت جي سبب چپ ڪري ٿو

ويچارو وطن لاءِ چا چا ڪري ٿو
خدا ڪانسواءِ باقي سڀ ڪان ڏري ٿو

ذھانت ۾ ھن جو نہ مٽ آ ٻيو
ڪري شڪ جو ھن ۾ غلط آھي سو

ڪڏھن جھوپڙي ھئي ادل جو نصيب
ھو فٽ پاٿ تي، ھي پيادل غريب

مگر واہ پي پي تنھنجو ڪرشمو
اڄ محلات ماڙين جو مالڪ بڻيو

وڏن برنسن جو الاتي آ، ھي
جتي پي ڏسون بس پلاتي آ، ھي

ھزارين نوان ڪارخانہ لڳائي
ويچارو وطن جي معيشت وڌائي

ڪري فيض ليڊر جو ڪھڙو بيان
آ ووٽر جي پويان اڄ موٽر روان
*

## اليڪشن:
## رزلٽ آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ جي صورتحال

شب و روز ڪيڏو نہ شر، شور هو
اليڪشن جو هر هنڌ وڏو گوڙ هو
ويون هيون سڀن جون ننڊون ٿي حرام
ءِ ٿيا هئا پريشان ڏاڍا عوام
ڪٿي نعره بازيءَ جو طوفان هو
نئين ڪان نئون روز اعلان هو
جلوسن ۽ جلسن جو سيلاب هو
مگر اڄ ائين آ تہ ڄڻ خواب هو
ڏيکاريا ٿي جن قوم کي سبز باغ
نتائج اليڪشن ڏنا تن کي داغ
ڀروسو هو جن کي پنهنجي ووٽرن جو
پٽيو تن ئي تختو پنهنجي ليڊرن جو
انهن جي تلاش هاڻي بي سود آ
جتي همشت هئي اڄ اتي بود آ
جتي ڪئمپين هئي اڄ اتي خاڪ آ
سياست ۾ تن جي اها ساک آ
اليڪشن جي باري ۾ ڇا فيض چوي
بس! تماشو ڏيکاري مداري ويو

❇

## پاڪستاني ليڊر اقتدار مان ٻاهر تي چوي ٿو تہ :

هم نشينان مئہ ناب ڪاڏي گم ٿي ويا
منهنجا ساٿي منهنجا احباب ڪاڏي گم ٿي ويا

آسمان ساڳيو آهي ۽ آ زمين ٻي ساڳي
منهنجا ناچو منهنجا چمچا ڪاڏي گم ٿي ويا

خوش نما آهن فلڪ بوس عمارات مگر!
اهو چمن اُهي تالاب ڪاڏي گم ٿي ويا

اجنبي ماڻهو بہ پنهنجن جي طرح ملندا هئا
اهو پيار و محبت اُهي آداب ڪاڏي گم ٿي ويا

هاڻي ڪنهن ڳالهہ تي هلچل نٿي ٿئي دل ۾ فيض
تو خدا ڄاڻي منهنجا اعصاب ڪاڏي گم ٿي ويا
❇

# پاڪستاني ليڊر جو جيل مان ارشاد

منهنجي عظمت جو سلسلو توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
منهنجو ٺاٺ ٺانگر ۽ دٻدٻو توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
ڪڏهن سدا جيئي جي گونج ۾ منهنجو جلوه توپيي تہ هوڏنو
منهنجي دعوتن جا سي سلسلا توکي ياد آ ، يا نہ ياد آ
منهنجي گل فشاني زبان جي ۽ بيان جي اها چاشني
ڪٿي ناچ ۽ ڪٿي تاڙيون، توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
ڪڏهن ريل ۽ ڪڏهين ڪار ۾، ڪڏهن مان هوا تي سوار هوس
مون سان گڏ هوندا هئا چمچا سڀ، توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
منهنجو نام منهنجون نوازشون منهنجي فيض عام جون بارشون
منهنجي اقربا جا سي غلغلا ،توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
منهنجي چئن ڏينهن جي چاندني ۽ سخاوت جي ڇناڇني
منهنجو سو عروج گريز پا، توکي ياد آ يا نہ ياد آ
مونکي ڇا ٿا سمجهو اڄ اوهان ، نہ رفيق آ ۽ نہ همنوا
ڪڏهن ملڪ تي منهنجو راڄ هو توکي ياد آ، يا نہ ياد آ
منهنجا هم پيالا و هم نشين، بنيا فيض اڄ منهنجا نڪتہ چين
اهي مدح سرا هئا ڪلهہ منهنجا ، توکي ياد آ، يا نہ ياد آ

❊

# پاڪستاني هوٽل جا فضائل

چنڊ تارا، گل ۽ نغمہ، رنگا رنگي روشنيون
سچ تہ هي آهي بهارِ زندگي، هوٽل ۾ آ

مئہ بہ آ موجود ۽ حورون، پريون، غلمان پڻ
تنهنجي جنت ۾ جو آ، زاهد اهو ئي هوٽل ۾ آ

پردهء محمل ۾ ليليٰ آ نہ مجنون دشت ۾
حسن پڻ هوٽل ۾ آ ۽ عشق پڻ هوٽل ۾ آ

رشڪ اچي ٿو مون کي پڻ، قسمت ڏسي بيرن جي فيض
خوش آهن بئرا سيئي جو نوڪري هوٽل ۾ آ

❉

# اليڪشن هارائڻ ڪانپوءِ ليڊر جي آهه و زاري

رات ڏينهن آ ليڊرن جي آهه و زاري هائي هائي
صرف ڪرسيءَ جي لاءِ آهي بيقراري هائي هائي

هارجي رسوا ٿيا آهن ويو پيسو هلي
دل هنن جي ڪاڙو آهي، زخم ڪاري هائي هائي

ڪو ڏسي ها ڪاش اچي حسرت هنن جيءَ جو حال
بس مقدر ۾ لکيل هئي شرمساري هائي هائي

سرخ لَبَ اکين ۾ ڪاجل ۽ ڪليل چهرو ڏسو
ڪاري برقعي ۾ هنن جي پرده داري هائي هائي

هاڻي اليڪشن بعد هنن کي ياد آئي آهي فيض
سي غريبن جي ڪندا چا غمگساري هائي هائي

❊

# ليڊر

ڪري ٿو زماني جو، جوڙ توڙ ليڊر
نہ چو ٿئي زماني ۾ مشهور ليڊر

لڳائي ٿو جلسن ۾ روٽيءَ جو نعرو
مگر ڪيڪ کائي ٿو هر روز ليڊر

جو کائي ٿو چندي کي پيو حلوه سمجهي
آ ليڊر سو نور اعليٰ نور ليڊر

زهي بخت گهر ۾ اٿس چار زالون
مگر پوءِ پيو آ طالب حور ليڊر

آ پنهنجو پنهنجو مقدر هي فيض
ڏکن ۾ آهيان مان آ مسرور ليڊر

❋

## ليڊري

مل ۾ زمين الاٽ ڪرائي ٿي ليڊري
بنگلن تي قبضو خوب ڪرائي ٿي ليڊري

لنچ و ڊنر مزي سان اڏائي ٿي ليڊري
گڏ ان سان غم بہ قوم جو کائي ٿي ليڊري

ليڊر کي ووٽ ڏئي اسان ميمبر بنايون ٿا
پوءِ پئي پري کان جلوه ڏيکائي ٿي ليڊري
❈

## صاحب اقتدار جي فڪر لاءِ

گردشِ وقت جو ڪير ٿو ڄاڻي راز
تہ حشر جي عمر ٿي ٿئي ڪيتري دراز

ليڪن! اي سانحانِ جهانِ خراب
ڪجھ خبر اٿئي تہ ڇا ٿو چوي انقلاب

زنده لاشن تي جڏهين بہ هلي ٿو سامراج
آسمان ٿو وٺي شاهن کان ڪسي تاج

گهڙي گهڙي آهي قومن جو فردِ حساب
ملڪ مرن ٿا پر نہ مري ٿو انقلاب

فيض گردشِ وقت جو آ، امتن تي دام
وقت بلڪل ٿو وٺي. هر قوم کان انتقام

❊

## خود شناسي
(مان مسلمان آهيان)

مصيبت ۾ به دستِ طلب دراز نہ ٿيو
آهيان مان ڪجهه بہ مگر باوقار آهيان مان

سدا اسان سان محبت سان پيش ايندو ڪر
ڏاڍو ڪشاده دل و جان نثار آهيان مان

سچائين ڪان زبان باز اچي سگهي نہ قلم
انهيءَ خطا تي سزاوارِ دار آهيان مان

هوا جي زد ۾ جلي ٿو جو پيو ٻين جي لاءِ
اهو چراغ سرِ رهگذار آهيان مان فيض
*

## نوجوان دوستو!۔1

نوجوانو! وفا جي راھہ ۾ ڪوئي قدم ڪٽي نہ سگھيو
گران ڪا ايذي تہ زنجير حادثات نہ آ

مرده دلين ۾ قوڪي چڙيو روح تابناڪ
جدوجھد عمل جي شمع جلائيندا هليا هلو

جنهن سان دلين کي نورِ محبت نصيب ٿئي
اهو نعره خلوص لڳائيندا هلو

باقي رهي تہ تيرگيءِ جِهل جو نشان
اها مشعلِ شعور جلائيندا هليا هلو

رڪجي وجي نہ شوق جو هاٽي قافلو اي فيض
اتو قدم قدم سان ملائيندا هليا هلو

❊

## نوجوان دوستو!۔2

پنهنجي جهان کي خُلد بنائيندا هليا هلو
هر ره گذر ۾ گلڙا کِلائيندا هليا هلو

مرده دلين ۾ ڦوڪي ڇڏيو روحِ تابناڪ
جهد و عمل جي شمع جلائيندا هليا هلو

جنهن سان دلين  کي نورِ محبت نصيب ٿئي
اهو نعرهءِ خلوص لڳائيندا هليا هلو

باقي رهي نہ تيرگيءَ جِهل جو نشان
اها مشعل شعور جلائيندا هليا هلو

رڪجي وڃي نہ شوق جو هاڻي قافلو اي فيض
اٿو قدم قدم سان ملائيندا هليا هلو
❊

# احتساب

عهدِ سفاڪ جو اڄ احتساب ڪرڻو آ
۽ هر قسم جو ستم بي نقاب ڪرڻو آ

جنهين ڪي عهدِ ستم ۾ ڪيو ويو رسوا
انهيءَ غريب ڪي عزت مآب ڪرڻو آ

دلين ۾ مشعلِ سوز و وفا جلائي هينئر
هي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪارِ ثواب ڪرڻو آ

تسليءِ دلِ مظلوم جي لاءِ هينئر
ستمگرن ڪي سپردِ عذاب ڪرڻو آ

جن بيگناهه صدائن ڪي فيض قتل ڪيو
زبانِ تير سان تن ڪي جواب ڏيڻو آ
*

# هلالِ عيد

اي هلالِ عيد ، اي عقيدت جا امام
توکي آهي پنهنجي مجبورِ محبت جو سلام

دل سين جا شاد ۽ مسرور ٿي ويا تو ڏٺي
سڀ جا چهرا پر فضا، قلب و جگر پر نور ٿيا

بادهء وحدانيت جو تون ڇلڪندڙ جام آن
تون اهو ساقي آن جنهن جو فيض سڀ تي عام آ

تنهن جي دم سان آ تر و تازه عبادت جو وجود
اُنس جو اخلاق جو محرو مروت جو وجود

ختم ٿي ويو اڄڻ تنهنجي ساڻ سڀ ناز و نياز
گل نہ آ ، محمود کهڙو ۽ آهي ڪهڙو اياز

ٿا بيهن اڄ هڪ ئي صف ۾ پيا سيئي شاهہ وگدا
تنهنجي ئي باعث ٿيا آهن سيئي هم مرتبا

آ برابر دنيا جي هر گوشي تي تنهنجي نظر
پر هلالِ عيد چا! توکي ناهي هن جي خبر؟
ناهي رهندو سو سمو باقي وِياڪل عيد بعد
سا زمين سو آسمان، باقي نہ بلڪل عيد بعد

مجبور تي وري ٿو هلي، خنجر ساڳيو مختيار جو
۽ ستم مفلس تي ٿئي ٿو ساڳيو ئي زردار جو

اي هلال عيد ، اي عرش آشنا عالي مقام
چا! فقط هڪ ڏينهن لاءِ آهي هي سارو اهتمام

اي هلال عيد تون سچ ٻڌاءِ مونکي ڀلا
جيڪڏهن توکان نٿي ٿئي پئي فضا هيءَ جاودان

اڄ تہ پوءِ گڏجي گھرون خالق کان پنھنجي ھيءَ دعا
پنھنجن بندن کي ھدايت ڏي تہ ھو گڏجي رھن

ظاھر و باطن ۾ يڪسان، نيڪ نيت تي رھن
جو ٻڌن دل سان ٻڌن ۽ جو چون دل سان چون

آ دائمي جنھن جو نشو سو فيض کي تون جام ڏي
اُن سوا اخلاقِ مروت، جو ڇلڪندڙ جام ڏي
*

# غزل

# غزل

هيءَ زندگي عذاب آ قهر و ملال آ
هن ۾ سڪون جو نالو فقط خواب و خيال آ

سچائي جو قحط ۽ مروت جو ڪال آ
هن ڏک ۾ هر شريف منهنجو هم خيال آ

سگهيو ملي نہ مون کي تحفظ پنهنجي ئي گهر ۾
رسوائين جو خوف ۽ دل ۾ ملال آ

هر شخص پنهنجي ذات ۾ تنها آ دوستو!
جنهن طرف اک اٿي تي حزن و ملال آ

هن گلشنِ حيات ۾ هر گل آ داغدار
فيض دل جي هر مراد هتي پائمال آ
❋

# غزل

زندگي اج عرصئہ دشوار آ
جو گذاري ٿو ڪلي جيئدار آ

عهد حاضر آ وفا ڪان بيخبر
عهد حاضر ۾ وفا بيڪار آ

خوابِ غفلت جا تماشا اج ڪتي
آدمي هن دور جو بيدار آ

ڇا خبر هئي گم ٿي ويندو ڪاروان
مون ٿي سمجهيو رهنما هوشيار آ

ناتوان پيرن ۾ گهنگهرن کي ٻڌي
اج رقص غربت برسرِ پيڪار آ

فيض آيو آ هي اهڙو وقت جو
انجمن جي انجمن بيمار آ

❊

# غزل

آ سچائيءَ جي رستي ۾، ڪٿي لالچ، ڪٿي ڏمڪي
لڪان ڪهڙي طرح مان داستان، اي دل تنهنجي غم جي

ستم گاري بہ جاري آ، ڪائين ٿا رحم پيي مون تي
ڪري تلقين ڏاڍي پيار سان، ضبطِ پيهم جي

خلائي دور آ دنيا ڪري ٿي سفر راڪيٽ تي
رهي قيمت نہ آ هاڻي، منهنجي بوسيده ٽم، ٽم جي

ايئر ڪنڊيشن ۾ بند جي احباب آهن ويٺا
نہ ڪر برهم تون تن کي ڏئي، خبر سٽڪن جي موسم جي

دلين جي ريزگارن تي وسي ڪومينهن ساوڻ جو
ڪري ڪجهہ پيي نہ سگهندي فيض، هاڻي هيءَ بوند شبنم جي

❊

# غزل

زندگيءَ جي پر خطر راهن کان منهنجي دل گهبرائي وئي
هر قدم تي مشڪلاتِ غم کان دل گهبرائي وئي

تو ڪيو اعتبار ناحق . هي آهن موقع پرست
تنهنجي هن ساده دلي منهنجي تي دل گهبرائي وئي

مون تي سمجهيو هاڻي گل ٽڙندا جو آئي آ بهار
پر ڏسي موقع پرست، منهنجي دل گهبرائي وئي

پل ۾ حالاتِ زمانہ تي وڃن ٿا چا مان چا
وقت جي رفتار بيش وڪم کان منهنجي دل گهبرائي وئي

فيصلو هن ڳالهہ جو، مون کان ويو دشوار تي
دل کان مان گهبرائي ويس، يا مونکان منهنجي دل گهبرائي وئي

ناهي مون تي سا نوازش ۽ نہ آ اڳيون ڪرم
سچ ٻڌاءِ چا فيض کان، تنهنجي دل گهبرائي وئي؟
❋

## غزل

مليو آ جو بہ چمن ۾ سو سوڳوار ڏنم
بهار آئي چمن پوءِ بہ بيقرار ڏنم

ڏنم جنهن کي بہ سو پنهنجي دنيا ۾ هو گم
جهان ۾ ڪنهنجو نہ ڪوئي ٻيو غمگسار ڏنم

ڏيکاريان ڪنهن کي ها مان پنهنجي دل جا زخم
پرئي چمن ۾ هر هڪ گل جو داغدار ڏنم

ڪجھ اهڙي آهي گهلي هاڻي بادِ ستم
هر هڪ جو دامنِ اميد تار تار ڏنم

جهان ۾ فرشتہ صفت فيض مان چوان ڪنهن کي
مليو آ جو بہ خطائن تي شرمسار ڏنم
❇

# غزل

بي سبب هر فرد کي زنجير پارائي وئي
حد کان زياده صورتِ حالات الجهائي وئي

هر شخص کي آ دوَرِ حاضر ۾ سدا سر جوئي خوف
زيست جي هر موڙ تي تلوار لٽڪائي وئي

رونقِ زندان آهن اڄ ٿيا اهلِ فڪر
آرزو هئي جنهن جي دل ۾ سا بہ آزاري وئي

بنجي ويو گلشن اسان جو هڪ گهڙيءَ اندر آ نار
آتشِ جبر و تشدد اهڙي ڀڙڪائي وئي

اڄ تائين قائم هو جنهن بنياد تي ايوانِ حق
هاڻي ان بنياد جي هر سر آ سرڪائي وئي

قافلي وارن جي لٽجڻ جو نہ آهي ڪو جواز
تفصيل سان هيءَ ڳالهہ جڏهن فيض سمجهائي وئي.

❋

# غزل

هوندي قيامت، جتي پي ستم، تنهنجوئي بيان ٿيندو
هِتي ٿيندو، هُتي ٿيندو نہ ٻئي ڪنهن جو بيان ٿيندو

ختم ٿئي ٿي بهار هاڻي اچي پي شيخ، رندن سان
اهڙي محفل ڪٿان ملندئہ اهڙو ميخانہ ڪٿان ايندو

جدا ٿي قافلي کان ويا، ڪٿي ڳوليندين تون تن کي
نہ گردِ ڪاروان هوندي، نہ شورِ ڪاروان هوندو

مونکي معلوم آ منهنجي ڪهاڻي، ماجرا منهنجو
نہ توکان ڪجهہ بيان ٿيندي نہ ٻئي ڪنهن کان بيان ٿيندو

اجا ڪجهہ پي نہ ٿيو آ فيض، ذرا نظرون تہ مَتجڻ ڏي
زمين نا مهربان ٿيندي، فلاڪ نا مهربان ٿيندو
❊

# غزل

وڃڻ وارا تنهنجي يادن کي وساري مون ڏنو
دل برباد تان هر نقش مِساري مون ڏنو

ساري دنيا کي نظر اچڻ لڳا تنهنجا نقوش
جڏهن اکين ۾ پنهنجي توکي لڪائي مون ڏنو

سنگ دل منهنجي وفائن جو تون قائل نہ ٿئين
زخم هر بار نئون توٽي لڳائي تو ڏنو

راس آئي نہ مونکي دوستي ڪنهن جي بہ ڪڏهين
توٽي هر طور تي پيمانو نيائي مون ڏنو

ڇڏ وساري تون زماني جا ستم هاڻِ فيض
حد کان زياده تو زماني کي آ، آزمائي ڏنو

❋

## غزل

سين کي هيءَ شڪايت آ، تہ زماني ۾
خلوص و محبت جي اڄ روشني نہ رهي

اڄ ڪوبہ ڪنهن جو نہ آهي، سواءِ مطلب جي
شراب عشق ۾ پيي ڪا بي خودي نہ رهي

ملي وڃئي هو سرِ راھہ، تہ ان کي هي چئجان
رهي آ گذري مگر، اڄ سا زندگي نہ رهي

نہ پڇ تہ مونکي پسند ڇو اچي وئي تنهائي
ڪنهين سان ميل و ملاقات و دوستي نہ رهي

نہ هاڻِ حال تون پڇ فيض جو تہ ڪهڙو آ
شڪستہ ساز آ، اڄ ان ۾ نغمگي نہ رهي
*

## غزل

هائي گهوڙا هئي جنهن لاءِ سو عذاب آيو نہ آ
پوءِ بہ تنهنجي هيءَ پڪائي جو حجاب آيو نہ آ

کهڙي قيامت جي نشاني آهي هيءَ هن دور ۾
غارتگريءَ کانپوءِ بہ دلِ اضطراب آيو نہ آ

بيحيائيءَ جي سياست تي وئي زورن تي اڄ
هن کان اڳ ڪنهن دور ۾ اهڙو عذاب آيو نہ آ

بي فڪر پيا تا گهمن ليڪن مونکي آ فڪر، جو
هن زمين تي عرصي کان يومِ حساب آيو نہ آ

مهربان هيڪر ٿيو هو فيض تي هو مگر
پوءِ بہ هن کي منهنجي سوالن جو جواب آيو نہ آ
❊

## غزل

ڪٿي بہ منهنجو نہ آ، آشيان زماني ۾
نہ آشياني کان ٻاهر، نہ آشياني ۾

اڇن ٽيون ڏانهون، اسيرن طرف وڃي تہ ڏسو
متان ڏني هجي ڪنهن جان، قيد خاني ۾

خدارا حال نہ پڇ، تنهنجي دل ڏکي ٿيندي
آهن جو درد ، سمايل، منهنجي فساني ۾

اڃان تہ هاڻي آيو آن، ذرا ويهہ تہ سهي
جو لڳندي دير گهڻي، حالِ دل ٻڌائڻ ۾

علاجِ دل نہ سگهيو ٿي ڪنهين کان منهنجو فيض
مون دل جو داغ ڏيکاريو توڻي زماني ۾

*

# غزل

خطرو هو جنهن جو دل کي، سا ڳالهہ تي وئي
منهنجي صنم سان ترڪِ ملاقات تي وئي

ڪم ظرفي جي حيات کان ويو هئس اچي مان تنگ
بهتر ٿيو قضا سان ملاقات تي وئي

اي بلبل بهارِ چمن پنهنجو خير گُهر
صياد و باغبان ۾ ملاقات تي وئي

گلشن جو هوش اهل جنون کي پيا ڪٿي
صحرا ۾ پيا رهيا، ۽ بسر رات تي وئي

ڪيستائين ڪريان مان شام جي واعدن جو اعتبار
سج ويو لهي، چراغ جليا، رات تي وئي

در پرده بزمِ غير ۾ ائين گفتگو تي فيض
اجان مس اٿي نگاهہ تہ بس بات تي وئي

❊

# غزل

شريڪ غم نہ سگھيو تي، شريڪ جام ٿيو
هيءَ آشنائي آ تي، يا هي انتقام ٿيو

غريب خاني تي آيو هو، هُو هوا وانگر
نہ ڪائي ڳالھہ سگھي تي نہ ڪجھہ قيام ٿيو

هي جذب و ڪيف ۾ چا مون تي ساعتون گذريون
هي ڪير مون سان سرِ راھہ هم ڪلام ٿيو

جلي ٿو ڪوئي ڪنهن ۾ ٿو ڪو خوشيءَ ۾ نچي
ٻڌاءِ تہ پوءِ هي ڪهڙي قسم جو نظام ٿيو

ڪري سگھيس نہ ڪُلي ڪو بہ حال توسان فيض
هر هڪ جو لمحہ منهنجو صرفِ احترام ٿيو
❇

# غزل

کنھن کي مان سمجھان پنھنجو ۽ بيگانو دوستو
ھن سوچ آ ڪيو مون کي ديوانو دوستو
پير و جوان جو خون اچي جوش ۾ پڙھي
لکندس مان خونِ دل سان، سو افسانو دوستو
پل پيو سڏائي عاشق صادق ڪو پاڻ کي
جلندو جوئي شمع تي سو پروانو دوستو
اڳتي وڌي جو جام کڻي، آ سوئي ڪامياب
آ امتحان جرتِ رندان دوستو!
مون خستہ حال تي ھي ٺٺولون ۽ ٺھڪڙا
سمجھن جو مونکي ٿا پيا ھو ديوانو دوستو
مفلس جي آبرو آ جتي نذر نقد و زر
ڏاھينداسون اسان سو صنم خانو دوستو
روئن ٿا پنھنجي تمنا جي لاش تي
دنيا جو آ عظيمِ عزا خانو دوستو
ڏسجي تہ ڪير دار تي مون سان ٿو گڏ چڙھي
سڏبو اھوئي ھمتِ مردانہ دوستو
آ جنھن کي فخر پنھنجي فقيريءَ تي فيض سو
ٺڪرائي چو نہ شوڪتِ شاھانہ دوستو

❋

# غزل

گذري ڪيئن وئي آ، منهنجي جواني، مونکان نہ پڇ
دل بيقرار ڇو آ، هيءَ ڪهاڻي مونکان نہ پڇ

ڇا ٿو پڇين تہ عشق ۾ لتجي مان ڪيئن ويس
هيءَ ٿي چڪي آ ڳالهہ پراڻي مونکان نہ پڇ

دنيا ڪان جنهن ڪري ڇڏيو بيگانو آ مونکي
آئي هئي هڪڙي رات سهاني مون کان نہ پڇ

برباد آ ڪري ڇڏيو دلِ داغدار فيض
منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني مونکان نہ پڇ
❊

# غزل

مان هن اميد تي، هن انجمن ۾ آيو هوس
تہ ملندو مونکي سڪون هت، مگر هت بہ نہ آ

ويس چمن ۾ جهين طرف پيي، امان جي لاءِ
لڪيو پيو هو هر هڪ شاخ تي هتي بہ نہ آ

اڪيلي گهر جون هيون تاريڪيون ئي بهتر، جو
سحر اتي بہ نہ آ، ۽ سحر هتي بہ نہ آ
❊

# غزل

رات ڀر ڏسندو رهيو چنڊ ڪنهن جي راهہ کي
اهڙو پابندِ وفا مون، حسن کي ناهي ڏٺو

دل ڏنم، هيءَ اعتبار جي حد هئي
جان ڏنم، هيءَ پيار جي حد هئي

مان مري ويس، ڪليون رهيون اکيون
هيءَ منهنجي انتظار جي حد هئي

تون چپ رهئين ، پيغام محبت اهو ئي تہ آ
اکيون جهڪيون نظر جي قيامت اها ئي تہ آ

محفل ۾ منهنجي نام ڪان ، ماڻهو جڏهين جليا
تو مسڪرايو بس، منهنجي قسمت اهائي تہ آ

❊

## غزل

نہ رهيو تنهن کي زماني سان سروڪار ڪوئي
گويا دنيا مان اٿيو جو تنهنجي محفل مان اٿيو

شرط آدابِ وفا، عشق ۾ ملحوظ رهيو
هڪ قدم منهنجو نہ ٻاهر، حدِ منزل کان اٿيو

هن تر سيني سان اداسيءَ جو پتو پئجي ويو فيض
ڪوئي ناڪامِ مسرت، منهنجي محفل مان اٿيو

ڇا نزاڪت جي تقاضا تہ سرِ بزم اي فيض
بارِ تلوار بہ مشڪل منهنجي قتل کان اٿيو

❊

# غزل

جن جي غيرت تي  وڏو ناز هو مون کي فيض
منهن لڪائي آهن ويٺا اڄ ڪمين ڳاهن ۾

نہ وڪاڻو آهيان ۽ نہ وڪامندس مان ڪڏهن
اي عزت نفس جي، بازار سجائڻ وارا

جبر جي اڳيان ڪڏهن پڻ نہ جهڪيو آهي فيض
مونکي احساس غلاميءَ جو ڏيارڻ وارا
❋

# غزل

وساري تون جڏهين مونکي نئين دنيا بسائيندين
منهنجي چاهت وارو گذريل، زمانو ياد ايندو توکي

توکي بيباڪ نظرون جڏهن پنهنجو بنائيندون
حيا جي بار کان پلڪون جهڪائڻ ياد ايندون توکي

جدائي منهنجي ۾ توکي گهڻو ڪجهه ياد ايندو فيض
منهنجون سي شرم سان پريل، نگاهون ياد ايندون توکي
❇

## غزل

هي دؤر ڪهڙو آ، جنهن ۾ نہ آ سڪون قرار
ڏسو جنهين ڪي بہ سو زندگيءَ ڪان آ بيزار

هي ظلمتن جا پوڄاري، هي سرڪش و خود سر
متائي رهيا آهن تمدن جا، سارا نقش نگار

تنهنجي ريت و عمل ۽ سلوڪ ڪان جيالا
زمين بہ توڪان آ، نالان ۽ فلڪ بہ آ بيزار

نہ ڪوئي مونس و همدم، نہ ڪوئي محرم آ
ڏکيل دلين جو نہ آهي، هتي ڪوئي غمخوار

حلال رزق نہ جنهن ڪي آهي ميسر فيض
بنيو وتي ٿو اهو ئي وطن جو ٺيڪيدار
❊

## غزل

منهنجي صدائي حق تي، خاموش آ خدائي
سڀ ڄاڻندي بہ دنيا، اڻ ڄاڻ ٿي وئي آ

قائم رهي نہ سگهيو زنده دليءَ جو رشتو
جاندار زندگي پڻ، بي جان ٿي وئي آ

ڪلهہ تائين جا راحتن سان معمور زندگي هئي
بنجي غمن جو عنوان، سا زندگي ٿي وئي آ

هي وقت آ ڏيکاريو سياست جي رهزنن آ
آباد دل جي بستي ويران ٿي وئي آ

اڙي فيض سچ تہ هي آ، تنهنجي هيءَ صاف گوئي
ايڏين اذيتن جو سامان ٿي وئي آ

❊

## غزل

منزل تي خود کي پائڻ جي حسرت ئي رهجي وئي
سارو سفر حيات جو رستي ۾ ڪٽجي ويو

منزل تي خود کي پائڻ جي حسرت ئي رهجي وئي
سارو سفر حيات جو رستي ۾ ڪٽجي ويو

گهنٽيون بجليءَ جون هر درتي ئي جي وڄنديون رهيون
در جي ڪڙڪائڻ جو فن ڀي بي صدا ٿي ويندو

گهنٽيون بجليءَ جون هر درتي ئي جي وڄنديون رهيون
در جي ڪڙڪائڻ جو فن ڀي بي صدا ٿي ويندو

❊

# غزل

هي سحر جو حسن، هي سيارگان ۽ هيءَ فضا
هي معطر باغ، هي ساوڪ ۽ هي ڪليون دلربا
هي بيابان، هي ڪليل ميدان، هيءَ ٿڌڙي هوا
سوچ تون، ڇا ڇا توکي،قدرت ڪيو آهي عطا
رنگا رنگي خوبصورت ولهيون چڙهيل آهن جابجا
جهومي رهيون آهن، نرم شاخون ۽ آهي رقصان صبا
ڦر لڳل شاخن تي آهي، دل فريب و خوشنما
توکي آهن ڏئي رهيون هر وقت اچڻ جي لاءِ صدا
گل ۾ خوشبو آ پريل، جنهن گل جي ٻوٽيءَ ۾ دوا
بحر مان موتي مليا، صاف روشن خوشنما
باهہ سان شعلا مليا، ۽ ابر مان آب صفا
سگهندو تي ڪنهن کان بہ هن جي بخشش جو حق ادا؟
هر نفس طوفان آ، هر ساهہ آ هڪ زلزلہ
موت ڏانهن آ هن روان، زندگيءَ جا قافلا
مضطرب هر شي آهي، جنبش ۾ آ، ارض و سما
هن ۾ ٿي قائم آ، تنهنجي رب جي چهري جي ضيا
صبح جو شفاف تارن مان وسي پئي ٿي ضيا
شام جو رنگين شفق ٿو ڪري محشر بپا
فيض چانڊوڪيءَ مان آهي نور جو درياهہ روان
برسات ۾ جهومي رهي آ ڪيئن نہ متوالي گهٽا
سوچ تون ڇا ڇا توکي، قدرت ڪيو آهي عطا

❊

# غزل

زندگي اڄ عرصئہ دشوار آ
جو گذاري ٿو ڪلي جيئدار آ

عهد حاضر آ وفا کان بيخبر
عهد حاضر ۾ وفا بيڪار آ

خوابِ غفلت جا تماشا اڄ ڪٿي
آدمي هن دور جو بيدار آ

ڇا خبر هئي گم ٿي ويندو ڪاروان
مون ٿي سمجهيو رهنما هوشيار آ

ناتوان پيرن ۾ گهنگهرن کي ٻڌي
اڄ رقص غربت برسرِ پيڪار آ

فيض آيو آ هي اهڙو وقت جو
انجمن جي انجمن بيمار آ

❊

# غزل

زندگيءَ جي پر خطر راهن کان منهنجي دل گهٻرائي وئي
هر قدم تي مشڪلاتِ غم کان دل گهٻرائي وئي

تو ڪيو اعتبار ناحق، هي آهن موقع پرست
تنهنجي هن ساده دلي منهنجي تي دل گهٻرائي وئي

مون تي سمجهيو هاڻي گل ٽڙندا جو آئي آ بهار
پر ڏسي موقع پرست، منهنجي دل گهٻرائي وئي

پل ۾ حالاتِ زمانہ تي وڃن ٿا ڇا مان ڇا
وقت جي رفتار بيش و ڪم کان منهنجي دل گهٻرائي وئي

فيصلو هن ڳالهہ جو، مون کان ويو دشوار ٿي
دل کان مان گهٻرائي ويس، يا مونکان منهنجي دل گهٻرائي وئي

ناهي مون تي سا نوازش ۽ نہ آ اڳيون ڪرم
سچ ٻڌاءِ ڇا فيض کان، تنهنجي دل گهٻرائي وئي؟

❊

## غزل

بي سبب هر فرد کي زنجير پارائي وئي
حد کان زياده صورتِ حالات الجھائي وئي

هر شخص کي آ دؤرِ حاضر ۾ سدا سر جوئي خوف
زيست جي هر موڙ تي تلوار لٽڪائي وئي

رونقِ زندان آهن اڄ ٿيا اهلِ فڪر
آرزو هئي جنهن جي دل ۾ سا بہ آزاري وئي

بنجي ويو گلشن اسان جو هڪ گھڙيءَ اندر آ نار
آتشِ جبر و تشدد اهڙي ڀڙڪائي وئي

اڄ تائين قائم هو جنهن بنياد تي ايوانِ حق
هاڻي ان بنياد جي هر سر آ سرڪائي وئي

قافلي وارن جي لٽجڻ جو نہ آهي ڪو جواز
تفصيل سان هيءَ ڳالھ جڏهن فيض سمجھائي وئي.

❋

# غزل

ڪنهن کي مان سمجهان پنهنجوءِ بيگانو دوستو
هن سوچ ۾ آ ڪيو مون کي ديوانو دوستو
پير و جوان جو خون اچي جوش ۾ پڙهي
لکندس مان خونِ دل سان، سو افسانو دوستو
پل پيو سڏائي عاشق صادق ڪو پاڻ کي
جلندو جوئي شمع تي سو پروانو دوستو
اڳتي وڌي جو جام کڻي، آ سوئي ڪامياب
آ امتحان جرتِ رندان دوستو!
مون خسته حال تي هي ٽنولن ۾ ٺهڪڙا
سمجهن جو مونکي ٿا پيا هو ديوانو دوستو
مفلس جي آبرو آ جتي نذر نقد و زر
ڍاهينداسون اسان سو صنم خانو دوستو
روئن ٿا پنهنجي تمنا جي لاش تي
دنيا جو آ عظيم، عزا خانو دوستو
ڏسجي ته ڪير دار تي مون سان ٿو گڏ چڙهي
سڏبو اهو ئي همتِ مردانه دوستو
آ جنهن کي فخر پنهنجي فقيريءَ تي فيض سو
ٺڪرائي چو نه شوڪتِ، شاهانه دوستو

*

## غزل

هي ڏور کھڙو آ، جنھن ۾ نہ آ سڪون قرار
ڏسو جنھين کي بہ سو زندگيءَ کان آ بيزار

هي ظلمتن جا پوڄاري، هي سرڪش و خود سر
مٽائي رهيا آهن تمدن جا، سارا نقش نگار

تنھنجي ريت و عمل ۽ سلوڪ کان جيالا
زمين بہ توکان آ، نالان ۽ فلڪ بہ آ بيزار

نہ ڪوئي مونس و همدم، نہ ڪوئي محرم آ
ڏکيل دلين جو نہ آهي، هتي ڪوئي غمخوار

حلال رزق نہ جنھن کي آهي ميسر فيض
بنيو وتي ٿو اهوئي وطن جو ٺيڪيدار

❋

# غزل

بي سبب هر فرد کي زنجير پارائي وئي
حد کان زياده صورتِ حالات الجهائي وئي

هر شخص کي آ دوَرِ حاضر ۾ سدا سر جوئي خوف
زيست جي هر موڙ تي تلوار لٽڪائي وئي

رونقِ زندان آهن اڄ ٿيا اهلِ فڪر
آرزو هئي جنهن جي دل ۾ سا بہ آزاري وئي

بنجي ويو گلشن اسان جو هڪ گهڙيءَ اندر آ نار
آتشِ جبر و تشدد اهڙي پڙڪائي وئي

اڄ تائين قائم هو جنهن بنياد تي ايوانِ حق
هاڻي ان بنياد جي هر سر آ سرڪائي وئي

قافلي وارن جي لٽجڻ جو نہ آهي ڪو جواز
تفصيل سان هيءَ ڳالهہ جڏهن فيض سمجهائي وئي.

❊

## غزل

ڪيڏي قيامت جي نشاني آهي هيءَ هن دؤر ۾
غارت گريءَ ڪانپوءِ بہ دل کي ڪو قرار آيو نہ آ

بي حيائيءَ جي سياست آهي ٿي زورن تي اڄ
هن کان اڳ ڪنهن دؤر ۾، اهڙو عذاب آيو نہ آ

بي فڪر پيا ٿا گهمن، پر فڪر آهي فيض کي
جو هن زمين تي عرصي کان يوم حساب آيو نہ آ
❇

## غزل

اي ڪلڙ وارا، نہ احساس آ توکي شايد
موج بارشِ رحمت آ هن اسان جا ڳوڙها

لذتِ گريہ کان بيگانہ ٿيا اربابِ جنون
اهڙي عالم ۾، غنيمت آهن اسان جا ڳوڙها

ناهن آگاهہ اچا رمزِ تبسم کان بہ جي
تن لاءِ تحريڪ ظرافت آهن اسان جا ڳوڙها

ڇا ٻڌايان مان توکي اشڪ فشانيءَ جو سبب
ڇا ڇوان ڪنهن جي بدولت آهن اسان جا ڳوڙها

جي شبِ غم ٿا اسان روئون، روئڻ ڏي جو فيض
انجمِ چرخِ هدايت آهن اسان جاڳوڙها.

*

# غزل

زندگي منهنجي سدائين رهي لغزش ۾
چو جو احباب رهيا منهنجا، انهيءَ سازش ۾

نہ نظر آيو ڪو بي لوث، زماني ۾ مونکي
نا اميدي رهي شامل منهنجي هر خواهش ۾

بي گناهيءَ کي گلستان ۾ مهڪندو بہ ڏٺم
وقت جا ڪيترا نمرود جليا آتش ۾

دارتي ڪنهن کي جڏهن چاڙهيو ويو بي جرم و خطا
ماڻهو مصروف رهيا شهر جي آرائش ۾

فرش وارن تہ رکيا، چنڊ تي هئا پنهنجا قدم
پر رهيو فيض سدا وقت جي پيمائش ۾

❊

# غزل

يا دوستن ۾ مهر و مروت نہ آ رهي
يا زندگيءَ ۾ منهنجي صداقت نہ آ رهي

اي چشم تر تون ترس زمانو آ ڪجھ ٻيو
موتين هنن جي هاڻي، ڪا قيمت نہ آ رهي

آهيان مان زندگيءَ جي عجب مرحلي ۾ اڄ
جنهن کان ٻچڻ جي ڪائي صورت نہ آ رهي

هڪ ٻيو رخ آ تنهنجي التفات جو
مڃيم تہ مون تي چشم عنايت نہ آ رهي

ڪائي تو فريب فيض محبت جي نانوءَ تي
اڄ پنهنجي ذات سان بہ محبت نہ آ رهي
*

## غزل

برهمي پستيءَ ڪردار بہ ٿي سگهندي آ
سازش جبر و دستار بہ ٿي سگهندي آ

ايڏي آسان نہ آ عشق جي راھہ سوچ ڪجان
راھہ دشوار ڪان دشوار بہ ٿي سگهندي آ

ڇا خبر آ تہ گهڙيءَ پر ۾ محبت ان جي
دشمنِ جان و دل آزار بہ ٿي سگهندي آ

ڪيڏي مضبوط هجي زندان جي ديوار ڀلي
جي هجي عزم محڪم تہ پوءِ مسمار بہ ٿي سگهندي آ

ايترو ناز نہ ڪر پنهنجي پذيرائي تي فيض
ڪٿڻ واري جي ڪڏهين هار بہ ٿي سگهندي آ

❊

## غزل

شمع جي صورت جلائي جان کي دوستو
روشن ڪيو آهي ڪنهين جي آستان کي دوستو

گلشن هستيءَ تي برقِ بي امان، آ مهربان
ڪيئن جلڻ کان مان بچايان، آشيان کي دوستو

زندگي بي ڪيف تي آ، جنهن جي وڇڙڻ کان منهنجي
پيو ٿو ڳوليان مان انهيءَ ٿئي ڪاروان کي دوستو

سڀ پڇن ٿا حالِ دل ، پر آهيان خاموش مان
ڪهڙي طرح سمجهايان مان، ساري جهان کي دوستو

ڪا نه ڪا آفت ٿئي آهي چمن تي فيض اڄ
آ ڏٺو جو مون پريشان، باغبان کي دوستو

❊

## غزل

ڪنهين جو نالو وٺ، بي نام افسانہ گھڻا آهن
خدا ڄاڻي چوين ڪنهن کي تو ديوانہ گھڻا آهن

ٽيندي هر گز نہ پابنديءِ زندان، جي تو آ ڇيڙيو
ٻڏائي ڇڏ تون دربانن کي مستانہ گھڻا آهن.

وڃي آرام ڪر توکي ٻڌائيندس سياڻي مان
جو وئي رهجي آ، رات توريءِ افسانہ گھڻا آهن

اسان کي ڪنهن سڏايو آ، نہ ساقي مئڪشن کان پڇ
طبيعت وئي لڳي آ ورنہ ميخانہ گھڻا آهن

شمع ماتم نہ ڪر محفل ۾ صرف وينل پتنگن جو
جو محفل کان ٻاهر ٻيي تنهنجا پروانہ گھڻا آهن

خدا پهچائيندو منزل تي توکي خير سان جو فيض
حرم جي راهہ ۾ ٻڏجي تو بتخانہ گھڻا آهن
❊

# غزل

مشڪل جا ڳالهہ هئي سا، آسان ٿي وئي آ
هاڻي دوستن جي مونکي، سا ڄاڻ ٿي وئي آ

منهنجي صدائي حق تي خاموش آ خدائي
سڀ ڄاڻيندي بہ دنيا اڻ ڄاڻ ٿي وئي آ

قائم ٿي رهيو آ، زنده دليءَ جو رشتو
جاندار زندگي پيي بي جان ٿي وئي آ

ڪلهہ تائين جا راحتن سان معمور زندگي هئي
هاڻي اها غمن جو عنوان ٿي وئي آ

هي وقت آ ڏيکاريو سياست ڏٽين اسان کي
آباد دل جي بستي، ويران ٿي وئي آ

اي فيض تنهنجي حق ۾ تنهنجي هيءَ صاف گوئي
ڪيڏين اذيتن جو سامان ٿي وئي آ

❊

## غزل

دل ۾ احساس جو صحرا، ٿو نظر مون کي اچي
گل بہ ڪندو ٿو نظر مونکي اچي

هي مونکي ساقي ٻڏاءِ چو تنهنجي پيماني ۾
موجزن خون جو درياھ ٿو نظر مونکي اچي

تنهنجي حالات هي هن شيش محل ۾ اي دوست
چا ٻڌايان توکي، چا چا ٿو نظر مونکي اچي

هن پرئي شهر ۾ اڻ جاڻ مسافر وانگر
هڪڙي دل آ جا اڪيلي ٿي نظر مونکي اچي

جيڪي ڪيڏن ٿا تنهنجي قصرِ فلڪ بوس سان فيض
تن اُجالن ۾ انڌارو ٿو نظر مونکي اچي.

❊

## غزل

ڪعبہ ۾ بتڪده ۾، تنهنجي بزم ناز ۾
دل جي ڪٿي ڪٿي آ، ضرورت مونکان نہ پڇ

دل تي هزار جَبر اسان ڪيا آهن عشق ۾
ڇا جي ڪري آ رڪيل قيامت مونکان نہ پڇ

ظاهر ۾ مون ڪي عشق جون نادانيون مليون
ڇا هي منهنجي خيال جي دولت، مونکان نہ پڇ

رهندس ڪٿي مان جڏهين بدلجي نگاهِ ناز
آ زندگيءَ جي ڪيڏي، نزاڪت مونکان نہ پڇ

مان ڇا چوان زبان سان ادب جو خيال فيض
ڏس منهنجا ڳوڙها، بس منهنجي حالت مونکان نہ پڇ

❊

## غزل

شڪوه بي جا ڪر نہ تون تقدير جو
ڪير اهڙو آ جهان ۾ جو اسيرِ غم نہ آ

هر ڪرم تنهنجو مصيبت کان ڀلا گهٽ آهي ڇا
غم انهيءَ کي ڀي ڏنئي جنهن کي شعورِ غم نہ آ

ڪير ٿو چوي زندگيءَ جا حادثا گهٽجي ويا
لطف و ڪرم تنهنجو ٿي ظالم حادثي کان ڪم نہ آ

مون جلايو هو ڪڏهين، جيڪو وفائن جو چراغ
بزم انسان ۾ اڃان تائين ان جي لُو مدّم نہ آ

فيض مدت ٿي وئي رهندي مونکي دنيا ۾ مگر!
اجنبي آهيان مان اڄ تائين، منهنجو ڪو محرم نہ آ
❊

## غزل

مون سان ڪوهڪ گام پيٖ هلي نہ سگھيو
عجيب مونکي ميسر رفاقتون آيون

جن آئينن ۾ نهان هو خلوصِ آئينہ گر
تن آئينن ۾ ريا جون شباهتون آيون

سا گفتگو بہ ٻڌم، مونکي جا پسند نہ هئي
عجيب انداز اندر منهنجون ساعتون آيون

اها بہ ڳالهہ وئي ٿي جنهن جو گمان نہ هو
جي بي وجود هيون سي قيامتون آيون

مليا ضرور مگر دوست رنجش سان فيض
غمن جو ويس متائي مسرتون آيون.

❋

## غزل

دل سان دشمن تي اعتبار ڪري
رازِ الفت مون آشڪار ڪيو

تون نہ آئين ۽ تنهنجي ياد آئي
بارها مون آ انتظار ڪيو

تي وئين بي سبب تون خفا
غير جو تو آ اعتبار ڪيو

دل جي دنيا لٽائي وينس مان
ڇا چوان ڪنهن سان مون آ پيار ڪيو

قصہ غم کي ڇيڙي فيض
تو وري دل کي بيقرار ڪيو

❊

## غزل

جن کي ملي وئي آ وزارت نئين نئين
ڪرسيءَ سان گڏ هنن کي آ ڪار پيي ملي

اهي ماڻهو هڪڙي پل ۾ وفادار بنجي ويا
عمرِ عزيز جن جي خوشامد ۾ وئي ڍلي

اهي پيي لڳائي رت کي، شهيدن ۾ ويا ملي
جن جي رهي پلاٽ ۽ پرمٽ سان دوستي

ڪجهه ڏينهن رڪجي ويا هئا دلاسن جا سلسلہ
پيهر مگر وئي الجهي، بيانن ۾ رهبري

جي ماڻهو ظلم و جورجا هئا هم رڪاب ڪلهه
سي اڄ عوام دوستي جا بنجي ويا ڌڻي

جنهن کي ڏسو آهي تيار فيض اڄ پنڌي
يارن کي راس وئي جو اچي، دامنِ مري
❇

# غزل

لڪان ڪهڙي طرح مان داستان، اي دل تنهنجي غم جو
آ سچائيءَ جي رستي ۾ ڪتي لالچ، ڪتي ڌمڪي

ستم گيري ٻہ جاري آ، ڪائين ٿا رحم پيي مون تي
ڪري تلقين ڏاڍي پيار سان هو ضبط پيهم جي

خلائي دؤر آ، دنيا ڪري ٿي سفر راڪيٽ تي
رهي قيمت نہ آ هاڻي ، منهنجي بوسيده ٿم ٿم جي

ايئر ڪنڊيشن ۾ بند جي احباب آهن وينا
نہ ڪر برهم تون تن کي ڏئي خبر سڙڪن جي موسم جي

دلين جي ريگزارن تي وسي ڪو مينهن ساڻوڻ جو
ڪري ڪجهہ ييي نہ سگهندي فيض هاڻي بوند شبنم جي

❊

## غزل

ڏسي اچانڪ اڄ توکي بيچين ٿي وئي آ دل ورنہ
سڀ ڪجهہ مونکان وسري چڪو هو دنيا جي هنگامن ۾

جيڪي انسانن جا دشمن آهن ظالم ۽ بي مهر بہ آهن
نام تنهنجو پيي شامل ڏنم، اهڙن ئي ڪجهہ نالن ۾

توکان وڇڙندي ئي ماڻهن ڪيا، ڇا ڇا آهن ظلم و ستم
ڪنهن جو ڪنهن جونام ٻڌايان، رکيوڇا آ نالن ۾

جيڪي بچائي آندو هو مون وقت جي ظلم هٿن مان
نذر ويو ٿي سوپيي سارو، آهي هنن هنگامن ۾

جن جي دم سان بزم ۾ تنهنجي رونق هئي، هنگاما هئا
فيض جو نام بہ شامل آهي، اهڙن ئي گم نامن ۾

❊

## غزل

دل ۾ تڪميل تمنا جو نہ ارمان ٿيندو
هاڻي ڪنهن سان بہ ڪو عمل نہ پيمان ٿيندو

اج تہ عظمتِ انسان جو اهو ئي آ معيار
جنهن کي هوندو غمِ انسان سوئي انسان هوندو

دورِ تخريب ۾ ڪردار جي تعمير جو خواب
خواب ڇا هوندو اهو خواب پريشان هوندو

ناهن آثار سڪون جا تنهنجي ڇهري تي
ٿو ٿئي خوف تہ برپا ڪوئي طوفان ٿيندو

جيڪو واقف هوندو تقديس غيور کان اي فيض
چاڪ دامان نہ ڪڏهن چاڪ گريبان ٿيندو

❊

# غزل

جاڳن نہ ستل وحشتون منهنجي وجود جون
ساري عمر هن خوف کان بيدار مان رهيس

گذري وئي آ عمر زيست جون زلفون سنواريندي
هر لحظہ انجمن ۾ گرفتار مان رهيس

جنهن کي قدم قدم تي رهيو مون سان اختلاف
ان جي انا ئي ڪج جو بہ پندار مان رهيس

ديوانو آهيان پر مونکان ايڏي گريز ڇو؟
ڇا! طبع دوستان تي ڪڏهن بار مان رهيس؟

❊

## غزل

رات گذري آ منھنجي جڙ تہ قيامت گذري
ڏاڍي غمر ناڪ ھئي تارن جي فضا، آخري شب

تا چون ماڻھو تہ ھن مھل خدا ٻڌندو آ
ڏس گھري تون بہ دعا آخري شب

پيئڻ وارن ئي تہ لٽيو آھي ميخاني کي
۽ رھيو ساقي بہ مدھوش آ آخري شب

❊

## غزل

موت ئي تہ صرف ناهي علاجِ وحشت
زندگيءَ جا حسين باب نظر ۾ رکجان

موت برحق آ، لڳائج تون گلي سان، ليڪن
زندگيءَ جا بہ ڪجھ آداب نظر ۾ رکجان

جنگ ڪرڻي جي پوي توکي عدوءَ سان فيض
قصئہ رستم و سهراب نظر ۾ رکجان

❊

## غزل

نڪتہ چيني ٻين تي سڀ کان آسان، آ مگر
پنهنجي اندر جهاتي پائي تون ڪڏهين ڏسندو تہ ڪر

زندگيءَ جي نعمتن تي تون ڀلي پنهنجو حق جتاءِ
پر پير ڦهلائڻ مهل چادر کي ڀي ڏسندو تہ ڪر

اهلِ علم و فن جي محفل ۾ تہ پابندي نہ آ
پر ڳالهہ جيڪا ڀي چوين، سوچڻ ڪانپوءِ چوندو تہ ڪر

❊

## غزل

فيض هو بظاهر تہ هڪڙي فرد جو نام
اهل فرد نہ فيض عهد جي علامت هو

هئي جنهن انجمنِ فڪر و فن ۾ تاباني
رهيون آهن ۽تڪيل نگاهون سا روشني نہ رهي

جڙيل هئا سون جنهن جي سبب عظيم رشتي ۾
اسانجي رشتئہ ماضيءَ جي سا ڪڙي نہ رهي
❊

## غزل

عجب انداز آ تنهنجي تبسم باز نظرن جو
خاموشيءَ ۾ به اظهارِ بيان جو عڪس ملندو آ

اڄان شمعون بصيرت جون آهن روشن سرِ محفل
شبِ ظلمت ۾ صبحِ شادمان جو عڪس ملندو آ

انهيءَ رستي ڪان گذريو قافلو شايد مجاهد جو
هر هڪ منزل تي گردِ ڪاروان جو عڪس ملندو آ
❊

## غزل

ڪيڏي قيامت جي نشاني آهي هيءَ هن دؤر ۾
غارت گريءَ ڪانپوءِ بہ دل کي ڪو قرار آيو نہ آ

بي حيائيءَ جي سياست آهي تي زورن تي اڄ
هن ڪان اڳ ڪنهن دؤر ۾، اهڙو عذاب آيو نہ آ

بي فڪر پيا ٿا گهمن، پر فڪر آهي فيض کي
جو هن زمين تي عرصي کان يوم حساب آيو نہ آ

❊

# غزل

شمع جي صورت جلائي جان کي دوستو
روشن ڪيو آهي ڪنهين جي آستان کي دوستو

گلشن هستيءَ تي برقِ بي امان، آ مهربان
ڪيئن جلڻ کان مان بچايان، آشيان کي دوستو

زندگي بي ڪيف تي آ، جنهن جي وڇڙڻ کان منهنجي
پيو ٿو ڳوليان مان انهيءَ ئي ڪاروان کي دوستو

سڀ پڇن ٿا حالِ دل ، پر آهيان خاموش مان
ڪهڙي طرح سمجهايان مان، ساري جهان کي دوستو

ڪا نه ڪا آفت ٽٽي آهي چمن تي فيض اڄ
آ ڏنو جو مون پريشان، باغبان کي دوستو

❊

# غزل

دل ۾ احساس جو صحرا، ٿو نظر مون کي اچي
گل بہ ڪنڊو ٿو نظر مونکي اچي

هي مونکي ساقي ٻڌاءِ ڇو تنهنجي پيماني ۾
موجزن خون جو درياھ ٿو نظر مونکي اچي

تنهنجي حالات هي هن شيش محل ۾ اي دوست
ڇا ٻڌايان توکي، ڇا ڇا ٿو نظر مونکي اچي

هن پرئي شهر ۾ اڻ ڄاڻ مسافر وانگر
هڪڙي دل آ جا اڪيلي ٿي نظر مونکي اچي

جيڪي ڪيڏن ٿا تنهنجي قصرِ فلڪ بوس سان فيض
تن اُجالن ۾ انڌارو ٿو نظر مونکي اچي.

❇

# غزل

جن کي ملي وئي آ وزارت نئين نئين
ڪرسيءَ سان گڏ هنن کي آ ڪار پيي ملي

اهي ماڻهو هڪڙي پل ۾ وفادار بنجي ويا
عمرِ عزيز جن جي خوشامد ۾ وئي ڍلي

اهي پيي لڳائي رت کي، شهيدن ۾ ويا ملي
جن جي رهي پلاٽ ۽ پرمٽ سان دوستي

ڪجهه ڏينهن رڪجي ويا هئا دلاسن جا سلسله
پيهر مگر وئي الجهي، بيانن ۾ رهبري

جي ماڻهو ظلم و جورجا هئا هم رڪاب ڪلهه
سي اڄ عوام دوستي جا بنجي ويا ڏٽي

جنهن کي ڏسو آهي تيارفيض اڄ پنڌي
يارن کي راس وئي جو اچي، دامنِ مري
❊

## غزل

دل ۾ تڪميل تمنا جو نہ ارمان ٿيندو
هاڻي ڪنهن سان بہ ڪو عمل نہ پيمان ٿيندو

اڄ تہ عظمتِ انسان جو اهو ئي آ معيار
جنهن کي هوندو غمِ انسان سوئي انسان هوندو

دورِ تخريب ۾ ڪردار جي تعمير جو خواب
خواب ڇا هوندو اهو خواب پريشان هوندو

ناهن آثار سڪون جا تنهنجي چهري تي
تو ٿئي خوف تہ برپا ڪوئي طوفان ٿيندو

جيڪو واقف هوندو تقديس غيور کان اي فيض
چاڪ دامان نہ ڪڏهن چاڪ گريبان ٿيندو
❊

# غزل

عجب انداز آ تنهنجي تبسم باز نظرن جو
خاموشيءَ ۾ بہ اظهارِ بيان جو عڪس ملندو آ

اجان شمعون بصيرت جون آهن روشن سرِ محفل
شبِ ظلمت ۾ صبحِ شادمان جو عڪس ملندو آ

انهيءَ رستي ڪان گذريو قافلو شايد مجاهد جو
هر هڪ منزل تي گردِ ڪاروان جو عڪس ملندو آ

❊

## غزل

جن کي ملي وئي آ وزارت نئين نئين
ڪرسيءَ سان گڏ هنن کي آ ڪار پڻ ملي

اهي ماڻهو هڪڙي پل ۾ وفادار بنجي ويا
عمرِ عزيز جن جي خوشامد ۾ وئي ڍلي

اهي پڻ لڳائي رت کي، شهيدن ۾ ويا ملي
جن جي رهي پلاٽ ۽ پرمٽ سان دوستي

ڪجهه ڏينهن رڪجي ويا هئا دلاسن جا سلسلا
پيهر مگر وئي الجهي، بيانن ۾ رهبري

جي ماڻهو ظلم و جور جا هئا هم رڪاب ڪلهه
سي اڄ عوام دوستي جا بنجي ويا ڏٽي

جنهن کي ڏسو آهي تيار فيض اڄ پنڌ ي
يارن کي راس وئي جو اڇي، دامنِ مري

❊

# غزل

اظهار جي جرئت آ پئي ڏاڍي مهانگي فيض
توڙي آ پنهنجو شهر، پر ڪو شناسو بہ نہ آ

اجالو ڦهلجي رهيو آ ۽ سحر ٿيو آ مگر
ستاره شبِ غم آ جيڪو ٻڏو بہ نہ آ

هي روشنيءَ جا پيمبر بہ ڪيڏا بزدل آهن
ڪٿي چراغ اٿن ايڏو حوصلو بہ نہ آ

منهنجا مهراڻ توکي ڪنهن جي نظر وئي کائي
تنهنجي چهري تي عجب جهڙي مان وحشت ٿو ڏسان

*

## غزل

پلي تون پر ڪي ڏس پنهنجن ڪي فيض
حقيقت گهٽ، ڪلاڪاري زياده آ

وڃين تون دور ڪرا ۽ برقِ تابان
جو منهنجي گهر لاءِ چنگاري زياده آ

ڏاڍو آسان تي ويو آهي اڄ مرڻو
مگر جيئڻ ۾ دشواري زياده آ

❋

# غزل

هڪڙي گهڙي ۾ ٿو ڪري الله جو غضب
ايوانِ پر غرور ڪي، زير و زبر ضرور

راهِ حيات ۾ رهن آسانيون تہ ڪجهہ
دامن ۾ نيڪين جو هجي زادِ سفر ضرور

دنيا بہ احتساب آ، عقبا بہ احتساب
ڪيو خوف روزِ محشر ڪان اهلِ نظر ضرور

پنهنجي ڪئي تي غور ڪرڻ گهرجي فيض، جو
پنهنجو ڪيو ئي ٿو اچي پيشِ نظر ضرور
*

## غزل

سڪون زمين تي نہ آ ۽ نہ آسمان ۾ آ
عجيب ڪشمڪش ڏينهن رات هن جهان ۾ آ

تباهين جي عمل کي ڪمال سمجهن ٿا
اسان جي دور جو انسان عجب گمان ۾ آ

مان ڪنهن سان شڪوه بي تابيءِ حيات ڪريان
اڄ وقت اهڙو آ جو هر شخص امتحان ۾ آ

مان خلفشار زماني جي شڪايت ڪهڙي لکان
جو خلفشار تہ منهنجي خاندان ۾ آ

❊

# غزل

جنهن بہ فيض آ سچ چيو، قاسيءَ تي لٽڪايو ويو
دوستو هت آهي اهو، هن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ

جن کي منزل تي پهچڻو آ، سي وڃن ٿا پهچي
راهزن، راهنما، راه گذار، ڪجهہ بہ نہ آ

زندگي خود ٿي بنائي وٺي راهون پنهنجون
اوهان جو فلسفئہ فڪر و نظر ڪجهہ بہ نہ آ

هونءَ بہ تقديسِ قلم جي آ تقاضا اها فيض
حق جو اظهار نہ آهي تہ هنر ڪجهہ بہ نہ آ
*

# غزل

ڪنهن ڪنهن کي مان ٻڌايان، قصو تنهنجي ستم جو
ماٺ ھو پڇن ٿا مونکي ، ڇو اشڪبار آھيان

بيمارِ غم جي حالت ڏٺي اچي جڏهن هن
چيائين پنهنجي ستم تي، مان شرمسار آهيان

هن آ مونکي نوازيو دردِ جهان سان، پوءِ ٻي
هن لاءِ مان دعاگو، پروردگار آهيان

نظرون ملائي مونکي زخمي ڪيو آهي جنهن
منهنجي دوا اهوئي آ، ان جو شڪار آهيان

شاعر بنائي ڇڏيو آ، مونکي غمِ جهان فيض
شعرن ۾ تڏهن چوان ٿو ته محروم پيار آهيان

❊

# غزل

وئي لڙي شام و در و بام انڌاري ۾ لڪا
ٿي ويا گم ٿي آهن سج جي لهڻ جا بہ نشان

رات چپ چاپ چڏيو ڪارو لباده اوڙهي
خواب آلوده ٿيا، مشرق و مغرب جا افق

ساري تاريڪ فضا، وقت جي همراز بني
نہ ڪو آواز نہ آ مٽ، نہ آ دمساز ڪوئي

آسمان دور ستارن کي لپيٽي پيو سمهي
هئي بچي رات باقي زمين سا بہ بي مهر بني

❊

## غزل

وري ڪنهن جي خواب جي توسط سان
وري ڪنهن ياد جي بهاني سان

زندگي فرار ٿي چاهي
ڏک جي تاريڪ قيد خاني مان

وري نين منزلن جا آواز
سوچ باغي آ، وري زماني کان

وري ڪنهن جستجو جي پاڳل پڻ
چڪي آندو آ آشياني مان

فيض دل آ مبتلا تذبذب ۾
جيئڻ تہ قاصر هجي ڀڏائڻ کان

صرف الله جو گهر نہ پر ذڪر بتان ڪي بہ فيض
اسان چاهيو آ وڏي جذبہ ايمانيءَ سان

❊

## غزل

خطرو هو جنهن جو دل کي، سا ئي ڳالهہ تي وئي
منهنجي صنم سان ترڪ ملاقات تي وئي

اي بلبلِ بهارِ چمن پنهنجو خير گهر
صياد و باغبان ۾ ملاقات تي وئي

گلشن جو هوش اهلِ جنون کي پلا ڪتي
صحرا ۾ پيا رهيا، ۽ بسر رات تي وئي

ڪيستائين ڪريان مان شام جي واعدن جو اعتبار
سج ويو لهي، چراغ جليا، رات تي وئي

در پرده بزمِ غير ۾ ائين گفتگو تي فيض
اڃان مس اٿي نگاهہ تہ بس بات تي وئي

❊

## غزل

منهنجي وحشت ۾ اڃان زياده اضافو ٿيندو
تنهنجا گيسو بہ اڃان زياده پريشان ٿيندا

عاشقي ۾ين بہ مراحل مان گذرندي منهنجي
امتحان ۾يا بہ محبت جا منهنجي جان ٿيندا

شاخ افسرده امید کي پائمال نہ ڪر
جو نَوان گلڙا انهيءَ شاخ تي خندان ٿيندا

خواب تي ويندو هي عالمِ اندوهِ فرات
حسرتِ وصل نہ آ، وصل جا سامان ٿيندا

ستمِ زيست جا شڪوه تو ڪرين تون جو فيض
بخدا هي نہ تنهنجي درد جو دامان ٿيندا
❊

# غزل

سو چشم بي نياز سهي مهربان تہ آ
هڪ رسم و راهہ منهنجي تنهنجي درميان تہ آ
هو مونکان خوش نہ سهي بدگمان تہ آ
مڃيم خلافِ واعده جيئڻ آ تو ڪانسواءِ
ليڪن هي حوصلن جو منهنجي امتحان تہ آ
خاموشين جي مهر لڳائي وئي پوءِ پي
چهري مان داستانِ عقوبت عيان تہ آ
يادش بخير تذڪره دلبران تہ آ
ساٿي نہ آ تہ يادِ ستم دوستان تہ آ
ساوڻ نہ آ، بهار نہ آ ۽ خزان نہ آ
موسم اسان جي حال تي ڪجھ مهربان تہ آ
هن قحطِ اعتبار جي موسم جي باوجود
بستيءَ ۾ فيض منهنجو هڪ مهربان تہ آ
❊

## غزل

بنيا جو اهلِ حوس مدعي پڻ منصف پڻ
ڪنهن کي وڪيل ڪريان، ڪنهن کان منصفي چاهيان

جيڪو رنگن جو تلاطم تنهنجي تصوير ۾ آ
تنهن جي جهٽڪار، منهنجي پيرن جي زنجير ۾ آ

منصفي ڪير ڪري ڪنهن کي پڪاري ڪوئي
قيد خود نور جهان، قصرِ جهانگير ۾ آ

مان چراغ اهڙو، جو ڇاٽان ٿو سزا پنهنجيءَ کي
گهپ انڌاري ۾ مسافت، منهنجي تقدير ۾ آ

ڏک بہ آسودگيءِ جان جو سبب بنجن ٿا
تنهنجي زيبائي منهنجي زخم جي تشهير ۾ آ

سچ جي اسلوب ۾ آ ڪوڙ جو اظهار اي فيض
اڄ تہ هڪ رنگ زياده تنهنجي تقرير ۾ آ
*

## غزل

ڪنهن سان شڪوه بيتابيءِ حيات نہ ڪر
جو وقت اهڙو آ، هر شخص امتحان ۾ آ

تون خلفشار زماني جي ڪهڙي ڳالهہ ڪندين
جو اختلاف تہ منهنجي بہ خاندان ۾ آ

نٿا ٿين نيڪ دلين جا زخم دوا سان
علاج تن جو محبت ڀري زبان ۾ آ
*

# غزل

كلندي كلندي رات پئي ٿي چوي تہ ميخاني ۾ هل
وري ڪنهن شهناز لالہ رخ جي ڪاشاني ۾ هل
جي نہ آ ممڪن تہ پوءِ اي دوست ويراني ۾ هل
اي غمِ دل ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل ڇا ڪريان

دم پٽيان رستي ۾ بيهي هيءَ منهنجي عادت نہ آ
يا وري موٽي وڃان، هيءَ منهنجي فطرت نہ آ
ملي وڃي ڀيو همنوا، هيءَ منهنجي قسمت نہ آ
اي غمِ دل ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل ڇا ڪريان

دل ٿي چئي عهد وفا ٽوڙي ڇڏيان
جنهن کي پيي پائي سگهان سو آسرو ٽوڙي ڇڏيان
آ مناسب هي تہ زنجيرِ هوا، ٽوڙي ڇڏيان
اي غمِ دل ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل ڇا ڪريان

مفلسيءَ ۾ هي مناظر پيي آهن نظرن اڳيان
ٻ سوين شيطان، جابر پيي آهن نظرن اڳيان
بي شمار چنگيز نادر پيي آهن نظرن اڳيان
اي غمِ دل ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل ڇا ڪريان

دل ٿي چئي چنگيز جا خنجر ڦري مروڙي ڇڏيان
تاج هن جي مان چمڪندڙ پٿر ڪڍي ٽوڙي ڇڏيان
فيض ڀيو ٽوڙي نہ ٽوڙي ، مان وڏي ٽوڙي ڇڏيان
اي غمِ دل ڇا ڪريان، اي وحشتِ دل ڇا ڪريان
*

# غزل

زندگي فرادُ آ، فرادُ سان نڀائيندو رهه
هلي رهي آ، چار سو ويهه، ان سان ٻي نڀائيندو رهه

غم نہ ڪر الم نہ ڪر ۽ فڪر بيش و ڪم نہ ڪر
چندو تون قوم ڪان وٺي، ان کي خوب ڪائيندو رهه

ٻل آنڌيون اچن، ٻل بجليون ڪرن
بيوسيءَ جي يورش ۾ تون پنهنجي بس هلائيندو رهه

توڪان جيڪي غريب آهن، تن کي تون ڏيائيندو رهه
ڏاڍا آهن توڪان جيڪي تن کي مڪڙ لڳائيندو رهه

حادثاتِ زيست جو ڪو بہ غم نہ ڪر تون فيض
حادثاتِ زيست تي تون خوب مسڪرائيندو رهه
*

## غزل

آب شبنم کان زياده ٿي گلن جي وئي پياس
هاڻي ڳوڙها ٿي وهائي، جنهنجي لحد تي چاندني

داستانِ تشنگئہ دريا جي لهرن کان ٻڌي
کري رهي آ ذکر عباسِ دلاور جو چاندني

شام جي ظلمت ۾ سورج جي جدائيءَ کي ڏسي
کربلا ۾ ٿي ڏسي روئي اکبر جي جواني چاندني

شام جي بادل ۾ جڏهن ويو لڪي زهرا جو چنڊ
بنجي وئي ميدان ۾ زينب جي چادر چاندني

کربلا جي دشت ۾ مظلومان کي ڏسي
خون جا ڳوڙها وهائي قاسم تي چاندني

ڪجھ ٻڌاءِ اي فيض تون ، آهي ڪا توکي هيءَ خبر!
رهي جاڳندي ٿي ڪنهن جي غم ۾ ساري رات چاندني.

❋

# غزل

فريب سهڻو آ چاهتن جو
عذاب سهڻو آ وحشتن جو
فراق راتيون عذاب بنجي
چون فسانہ ٿيون خلوتن جو
هي منهنجا آنسو هي منهنجون آهون
خراج گُهرن ٿيون صداقتن جو
نہ گذري پل پيي بغير جنهن جي
انهيءَ تي دعويٰ عداوتن جي
اهو درد جنهن کان پڃان ٿو پيو مان
سوئي اميد آ رفاقتن جي
جنهن کي خود آگهي نہ آهي
انهيءَ جو شيوه آنخوتن جي
منهنجي تصور کان ماورا فيض
هُو آهي ساغر، عظمتن جي
*

# غزل

آئي نہ راس اسيري نہ مونکي آزادي
قفس کان زياده مصيبت آ آشياني ۾
تمام رات بسر ٿي وئي اشڪ باريءَ ۾
سدا سلامت رهي، بي وفا زماني ۾
نہ دشمنن جون جفائون ڪي ياد مونکي رهيون
نہ وسري چوٽ جا ڪاڏي مون دوستاني ۾

منهنجي ڪري ئي تہ رونق وڏي وئي ساقي
اڏامي خاڪ ها پئي، نہ تہ شراب خاني ۾
ملي نہ سگهندو توکي فيض جهڙو اهلِ وفا
ٻلي چراغ ڪٺي ڳولي ڏس زماني ۾
❊

# غزل

تي ويو بيمار جو ڀن هڏڪين ۾ فيصلو
هڪڙي هڏڪي موت جي ٻي هئي تنهنجي ياد جي
ٿوڪرن سان تو مٽايا قبر منهنجيءَ جا نشان
هي بہ هڪ ڪارنامو تنهنجي ئي بيداد جو
اُجڙيل چمن منهنجي جو هاڻي يا الاهي خير ٿئي
جو ڏٺي اڄ مون آهي نيت بري صياد جي
وئي شبِ فرقت ۾ ڪيئن گذري هي ڀڏي تون ڇا ڪندين
گذري ڪجهہ تارا ڳڻيندي، باقي وئي فرياد ۾
ڏسجي اسيرن کي سزا فرياد جي ڇا ٿي ملي
فيض جو بدليل ٿي ڏسجي اڄ نظر صياد جي
*

# غزل

اسان جي دشت نوازيءَ جو داد ڏئي ڪوئي
ڇڏي بهار ۾ آيس مان گهر جو گهر تنها
قدم قدم تي قيامت هئي بزمِ امڪان ۾
هي فيض هو جو هليو آيو بي خطر تنها
ڪنهين جي ياد شريڪِ راه حيات رهي
مون کي هو خوف گذرندو منهنجو سفر تنها
هي پيچرن جا خم و پيچ رهزنن جا هُجوم
ڪٿي ڇڏي ويا اسان کي هي راهبر تنها
راهِ طلب جا مسافر تنهنجو خدا حافظ
اونداهي رات سفر سخت ره گذر تنها
تون پي تہ فيض انڌارن سان جنگ ڪر چوجو
سحر آڻيندي نہ هيءَ حسرتِ سحر تنها

# غزل

وڌندائي رهندا چاڪ گريبان بزم ۾
قائم تنهنجي نظامتِ جلاد جُور رهي
جيئرو سپرد خاڪ ڪيو منظور آ مون کي
پر شرڪ آ تہ خاڪ ۾ ذوقِ نمُو رهي
سرگرميءَ سفر ئي نصاب حيات آ
منزل مونکي ملي نہ ملي جستجو رهي
❊

# غزل

اڃا تو پيو صنم مون ڏي مگر آهستہ آهستہ
ٿيو هو مهربان مون تي مگر آهستہ آهستہ
پريشان زلف آ ڪنهن جي ۽ ڪنهن جو پاڪ دامن آ
جنون بنجي تماشو ويو مگر آهستہ آهستہ
گُدازِ شمع کان واقف نہ آ پروانہ پوءِ پيو هُو
شمع سان تو سدا اُلجهي مگر آهستہ آهستہ
ڏسي ايندو مون محفل ۾ اڻارين چو تو غيرن کي
هليو ويندس مان ئي محفل مان پر آهستہ آهستہ
کهڙو مان دوستن جي، بي دليءَ جو اڄ ڪريان ماتم
ويندس اڄ پيو مان ئي مقتل، مگر آهستہ آهستہ
قتل تنهنجي اڄ آهن جيڪي خاموش سياڻي فيض
سي ئي دادِ وفا ڏيندا، مگر آهستہ آهستہ
*

# غزل

دل کي احساس جي شدت آ ڪتي جو نہ رکيو
خود محبت کي محبت آ ڪتي جو نہ رکيو
بوئي گل توکي ڪڏهين هي بہ آ احساس ٿيو
تنهنجي آواره طبيعت آ ڪتي جو نہ رکيو
نگاهِ شوق ٿڪي ئي چونتي پئي ڪنهن تي
هن بصارت کي بصيرت آ ڪتي جو نہ رکيو
توکي هر شخص کان آ چشم مروت جي اميد
توکي هن چشمِ مروت آ ڪتي جو نہ رکيو
پهرين هي شڪر تہ فيض بہ ادب کان نہ وڌيو
پوءِ هي شڪوه تہ شرافت آ ڪتي جو نہ رکيو

❋

## غزل

اظهار جي جرئت آ پئي ڏاڍي مهانگي فيض
توڙي آ پنهنجو شهر ، پر ڪو شناسو به نه آ

اجالو ٿهلجي رهيو آ ۽ سحر ٿيو آ مگر
ستاره شبِ غم آ جيڪو ٻڏو به نه آ

هي روشنيءَ جا پيمبر به ڪيڏا بزدل آهن
ڪٽي چراغ اٿن ايڏو حوصلو به نه آ

منهنجا مهراڻ توکي ڪنهن جي نظر وئي ڪائي
تنهنجي ڇهري تي عجب جهڙي مان وحشت ٿو ڏسان

❊

## غزل

وري ڪنهن جي خواب جي توسط سان
وري ڪنهن ياد جي بهاني سان

زندگي فرار ٿي چاهي
ڏک جي تاريڪ قيد خاني مان

وري نين منزلن جا آواز
سوچ باغي آ، وري زماني ڪان

وري ڪنهن جستجو جي پاڳل پڻ
چڪي آندو آ آشياني مان

فيض دل آ مبتلا تذبذب ۾
جيئن تہ قاصر هجي ٻڌائڻ ڪان

صرف الله جو گهر نہ پر ذڪر بتان ڪي بہ فيض
اسان چاهيو آ وڏي جذبہ ايمانيءَ سان
❊

# غزل

منهنجي وحشت ۾ اڃان زياده اضافو ٿيندو
تنهنجا گيسو بہ اڃان زياده پريشان ٿيندا

عاشقي ۾ بہ مراحل مان گذرندي منهنجي
امتحان ٻيا بہ محبت جا منهنجي جان ٿيندا

شاخ افسرده ءِ اميد کي پائمال نہ ڪر
جو نَوان گلڙا انهيءَ شاخ تي خندان ٿيندا

خواب تي ويندو هي عالمِ اندوهِ فرات
حسرتِ وصل نہ آ، وصل جا سامان ٿيندا

ستمِ زيست جا شڪوه تو ڪرين تون ڇو فيض
بخدا هي نہ تنهنجي درد جو درمان ٿيندا
❊

# غزل

زندگي پر زندگيءَ جي راھ ۾ وڌندو رهيو
ڪنھن جي خاطر رات ڏينھن هُو دربدر ڦرندو رهيو
عشق جي منزل ۾ آهي مون ڏٺو اڪثر ڪري
شمع پيي جلندي رهي، پر وانہ پيي جلندو رهيو
ڇا نوائي شوق جون بي تابيون
سازِ دل وڄندو رهيو، پيغامِ دل ڏيندو رهيو
خوابِ غفلت ۾ سدا سُتا رهيا اهلِ چمن
پاسبان ڏسندا رهيا ۽ آشيان جلندو رهيو.
ڪجھ حسين چهرن تي هن جي وئي نظر اهڙي ٽِڪي،
جو انهن ڪي رات، ڏينھن بس فيض ڏسندو رهيو
*

# غزل

جي ڪنهن کي علم حقائق جو ٿي وڃي پوءِ پ ي
کهاٽيون هو ٻڌي روز چا! ضروري آ؟
اگر نگاه انڌاري ڪان آشنا ٿي وڃي
پوءِ پي چراغ جلي روز چا! ضروري آ؟
هر آدميءَ جي مسائل جي نوعيت آ الڳ
پوءِ پي چراغ جلي روز چا! ضروري آ؟
هواءِ بي خبريءَ جي لپيٽ ۾ آ جهان
اچان مان ياد توکي روز چا! ضروري آ؟
جڏهين جواب اسان کي اچي ٿو جو فيض
هو هي سوال ڪري روز چا! ضروري آ؟

❋

## غزل

رنگ ۾ نور جي نمائش آ
ديدهءِ دل جي آزمائش آ
عقل جي ڳالھ ۾ محبت ۾
هيءَ دل جي خلاف سازش آ
رات روڪيندي ڇا طلوعِ سحر
هوءَ تہ خود مبتلائي گردش آ
ڪابہ خواهش نہ باقي دل ۾ آ
بس توکي ڏسڻ جي خواهش آ
ڪو پڇيئي حال ڇئي ڇڏجان
شڪريہ! اوهان جي نوازش آ
اهلِ علم وادب جي ناقدري
روشنيءَ جي خلاف سازش آ

❋

# غزل

پيو ٿو سوچيان حاصلِ احساس ڇا رهجي ويو
جان تڙپندي رهجي وئي ۽ جسم جلندو رهجي ويو
مان بہ پابندِ اَنا ۽ هُو بہ مجبورِ خودي
مان بہ پياسو رهجي ويس ۽ هُو بہ پياسو رهجي ويو
منهنجي اکين جي لاءِ آ حسنِ بصارت جو سبب
اڳڻ منهنجي ۾ جو تنهنجو نقشِ پا رهجي ويو
مان صداقت جو علمبردار آهيان ليڪن هتي
ڪوڙ جو هٽندو رهيو سو شخص بهتر رهجي ويو
گو بظاهر ڪا بہ تبديلي نہ آ ماحول ۾
وڃڻ هن جي سان مگر ڪو فيض اڪيلو رهجي ويو

❊

# غزل

تنهنجي يادن ۾ گم ٿي مان خوشيءَ جا گيت ڳايان ٿو
گمان ٿئي ٿو تہ شايد ياد، توکي مان اچان ٿو
وساري تو ڇڏيا آهن محبت جا سيئي نغمہ
مگر تن کي اڪيلائيءَ ۾ سدائين مان جهونگاريان ٿو
ترانہ گيت ۽ نغمہ خوشيءَ سان ٿا ٻڌن ماڻهو
ٻڌي ڪوئي نٿو جي داستانِ غم ٻڌايان ٿو.
محبت بارگاهِ حسن ۾ بارياب نہ ٿيندي آ
حقيقت ڄاڻندي پوءِ پيي مان مستحق آزمايان ٿو.
برابر منهنجو گلشن اڄ وري طوفان جي زد ۾ آ
مگر پوءِ پيي اتي ئي فيض مان ٻوٽا لڳايان ٿو.
*

# غزل

ذڪرِ قفس بہ جرم آ، ذڪر چمن بہ جرم آ
مان گفتگو ڪريان بہ تہ ڇا گفتگو ڪريان
ڳليون اُداس، گُل آ پريشان صَبا خاموش
پوءِ ڇو ڀلا بهار جي مان آرزو ڪريان
ناهي يقين تہ زنده بہ رهندس بهار تائين
پوءِ ڇو غمِ بهار ۾ دل کي محُو ڪريان
ساقي نہ آ، نہ اَبر آ ۽ جام و مئہ نہ آ
ڪهڙيءَ خوشيءَ ۾ مدح مئہ، مُشڪبو ڪريان
مينا نواز محفلِ رندان مان ويا اُٺي
هاڻي مان ڪنهن سان شڪوه جام و سُبو ڪريان

هن ڪشمڪش ۾ عمر گريزان وئي گذري فيض
دامن سِبان يا چاڪ گريبان رَفو ڪريان
❊

## غزل

منظر جو حسن جنتِ بينائي بنجي ويو
جنهن جي نظر اُتي سو تماشائي بنجي ويو
آيا منهنجي نگاه ۾ چهرا نوان نوان
جڏهين دل امين داغ شناسائي بنجي ويو
قاتل سڪوتِ مرگ، سمجهي هليو ويو
هر زخم خود ثبوت مسيحائي بنجي ويو.
هن دور ۾ فضول اساطير فڪر وفن
دولت اگر هٿ آئي ڪنهين جي سو بنجي ويو
راتين کان هاڻي طلب ڪريون آفتاب جو
جهل، شعور، محورِ دانائي بنجي ويو
ملي نه فيض، هن کي جڏهين شهر ۾ امان
سيني سان هو اچي لڳو منهنجو ياءُ بنجي ويو.
*

# غزل

دل جي اَفسردگي وساري ڇڏ
ڇا مليو دوستي وساري ڇڏ
ڇئي رهيو آ، هر گردش دوران
بس غمِ زندگي وساري ڇڏ
جذب پائمال ٿي چڪو آ جنون
آ شفتگي وساري ڇڏ
هن حقيقت پسند دنيا ۾
خواب تا بندگي وساري ڇڏ
آ هي اميد جو ڏيئو روشن
راه جي تيرگي وساري ڇڏ
بدگمانيءَ مان فائده ڇا فيض
زيست آ، عارضي وساري ڇڏ.
❊

## غزل

چو چمن سوڳوار آ ساقي؟
ڪنهن جي غم ۾ بهار آ ساقي
چشمِ نرگس ۾ ويا اچي ڳوڙها
سينئہ گل فگار آ ساقي
اڄ الائي ڇو منهنجي دل کي
زندگي ناگوار آ ساقي
ڪرسيءِ اقتدار جي خاطر
ملڪ ۾ انتشار آ ساقي
ڇا چوان اهڙن ناخدائن کي
جن جو ڪشتيءَ تي بار آ ساقي
ڪا بہ صورت نہ آ تسلي جي فيض
بس! اي بي قراري، قرار آ ساقي
*

# غزل

دنيا نگاهِ فيض ۾ جز خار و خِص نہ آ
هاڻي عشقِ پنجتن جي سواءِ ڪجھہ هوس نہ آ

بالا آ انتهائي عقل ڪان غمِ حسين
مجبور آ شعور، اتي دسترس نہ آ

رڪان ٿو ذڪرِ پاڪ سان مصروف روح ڪي
ڏينهن رات ٿو روئان ۽ روئڻ ڪان مون بس نہ آ

دل مضطرب آ روح فدائي غمِ حسين
ليڪن! قضائي قدرت تي، انسان جو وس نہ آ
❊

# غزل

دل جي اَفسردگي وساري ڇڏ
ڇا مليو دوستي وساري ڇڏ
ڇئي رهيو آ، هر گردش دوران
بس غمِ زندگي وساري ڇڏ
جذب پائمال ٿي چڪو آ جنون
آ شفتگي وساري ڇڏ
هن حقيقت پسند دنيا ۾
خواب تا بندگي وساري ڇڏ
آ هي اميد جو ڏيئو روشن
راه جي تيرگي وساري ڇڏ
بدگمانيءَ مان فائده ڇا فيض
زيست آ، عارضي وساري ڇڏ.
❊

# مرثیہ

## مسلمانانِ شام

لتجي ويو ملڪِ عرب ۾، هڪ مقدس ڪاروان
خاڪ و خون ۾ ويو ملي، اج پنجتن جو گلستان

خاموشيءَ سان هيءَ زمين و آسمان ڏسندا رهيا
هڪڙي ئي انداز سان، ٻئي جهان ڏسندا رهيا

چنڊ تارا ، شمس و مريخ و زحل ڏسندا رهيا
بهر و درياهہ، دشت و گلزار و جبل ڏسندا رهيا

قدسيانِ عرش پڻ خاموش، رحمت پڻ خاموش
بزم موجودات پڻ خاموش، قدرت پڻ خاموش

ڏينهن ڏني سادات تي، مشقِ جفا ٿيندي رهي
ڪرم فرما هڪ مشيعت جي ادا ٿيندي رهي

رفتہ رفتہ سڀ ويا، ميڪش نہ ساقي ڪو رهيو
ٿي ويا راهي ٻاهتر، باقي هڪ عابد رهيو

ان کي پڻ قيدي بنائي ويا، فيض غدارانِ شام
بس فقط تاريخ آهي، هيءَ مسلمانانِ شام
❊

### شهيد ن جي ڪهاڻي ٻڌاءِ

تون فيض شاھہ شهيد ن جي ڪهاڻي ٻڌاءِ
رو داد ٿيندي نہ هيءَ ڪڏهين پيي پراڻي ٻڌاءِ

شباب گم ٿي ويو ڪيئن جناب قاسم جو
تباھہ ڪيئن ٿي هئي اڪبر جي تون جواني ٻڌاءِ

روانيون تہ برابر هيون فرات جون، پر!
مليو هو اصغر بي شير کي بہ پاڻي ٻڌاءِ؟

بچي آ ڪا بہ رسولِ امين جي تصوير
جي آ رهي ڪا سلامت، تہ سا نشاني ٻڌاءِ

پڙهيو قرآن هو ڪيئن شاھہ نوڪ نيزي تي
اها تون شاھہ شهيدان جي ڪهاڻي ٻڌاءِ

يزيد تخت تي، هو خاڪ تي سَرِ شبير
اها تون آلِ محمد جي قدر داني ٻڌاءِ

بلند ڪير ٿيو آ، ۽ پست ڪير ٿيو
دلين تي اڄ بہ آهي ڪنهن جي حڪمراني ٻڌاءِ

حسين زنده و جاويد آ زماني ۾ فيض
ڪاڏي ويو ۽ ڪٿي آ، ستم جوباني ٻڌاءِ

❊

### سگھيو

حسين! جيڪو نہ توکي بنائي پنهنجو سگھيو
سدا سو جنت و ڪوثر، ڪڏهين نہ پائي سگھيو

درِ حسين کان جو شخص دور رهيو
سو قرب احمدِ مختار جو نہ پائي سگھيو

جو حريت جو علم هو بلند حسين ڪيو
انهيءَ علم کي نہ باطل ڪڏهين جهڪائي سگھيو

گھٽوئي نام مٽائڻ جي ڪئي وئي ڪوشش
مگر نہ توکي زمانو ڪڏهن مٽائي سگھيو

ثنانہ فيض کان تحرير ٿي سگھي تنهنجي
جيئن تہ ڪوزي ۾ درياھ ڪڏهين اچي نہ سگھيو.

*

## مظلوم ڪربلا

منهنجو امام ”حسين ابن علي“
اچي پل اجل، نماز محبت قضا نہ ٿئي
آندا بجا حسين ٻئي ڪم ، ڏنو وچي
چاڙهيو جڏهين ويو هو سنان تي سر شبير
جنبش ۾ هئا، لبانِ شهنشاهہ مشرقين
اعلان جنگ هي تہ خدا ۽ نبيءَ سان هو
ويهي رهڻ ڪيئن ممڪن، ابن عليءَ جو هو
ياد رهي تہ : ٿي ٿو وڃي ختم جڏهن سجدن جو اعتبار
ان وقت دين جو آ، امامت تي انحصار
عالم عجيب فيض هو جان بتول تي
جو ڳالهہ اچي رهي هئي، علي و رسول تي
حسين آخري سجدو ڪيو اهڙو ڪربل ۾
اچي ويو سمجهہ ۾ معراج بندگي ڇاهي
اچي ويو سمجهہ ۾ معراج زندگي ڇاهي
جتي بہ عظمتِ انسان جو ذڪر ٿيندو آ
اتي حسين اسان جو ئي نظر ايندو آ

❋

# بحضور امام عالي مقام

اي حسين ابن علي، اي نور چشم بوتراب
آڻي نہ سگهندو حشر تائين، تنهنجو زمانو ڪو جواب
راهِ حق ۾، حق جي خاطر، سر ڪپايو تو حسين
تو ڪري باطل کي ڇڏيو ڪربلا ۾ بي نقاب
محسنِ اسلام توکي ٿا سڏين، هي آ ، بجا
تنهن جي قربانين سان ويو آهي اچي دين تي شباب
خون سان سينچيو آ تو گلشن اسلام کي
تنهنجي ئي دم سان رخ اسلام تي آ، آب و تاب
هيءَ حسين تنهنجي فقط عظمت و توقير آ
ذڪر پيي تنهنجو عبادت ۽ بڌڻ آهي ثواب
لڪين تدبيرون ڪيون دنيا وسائڻ لاءِ ، پر!
باطل کان ٿي سگهيو نہ ڪڏهين گل چراغ بوتراب
سر برهنہ بنتِ حيدر کي ڦيرايو در بہ در
ڪيئن ڏٺو توکان ويو هو اهڙو منظر آفتاب
ان حسين ابن عليءَ جو ذڪر ٿو ڪريان مان فيض
ملت بيضاتي احسان، جنهن جا آهن بي حساب

*

## ڪربلا

تنهنجي خاموشي، تنهنجي ماتم جي آ. آئينہ دار
ساڍن تيرهن سو ورهين کان تون بہ آن ائين سوڳوار
چنڊ تارا ٻاهتر ، آهن تنهنجي زير ڪمان
تنهنجو سرمايو محمد جي نواسي جي مزار
گنج شهيدان، آ تنهنجي آغوش ۾
ڪهڙا ڪهڙا لفظ آهن، تنهنجي لب خاموش ۾

❊

# شهادت جو مقام

ڪربلا ڪهڙي خبر توکي تہ ڇا آ، هن شهادت جو مقام
بس! فقط هو امتحان ابن علي عالي مقام
قدرت خالق ڪري ڇڏيو آ اهڙو انتظام
تا ابد بزم عزا، هوندي بہ عز و احتشام
ماڻهو ڏسندا منهنجي لفظن جي فقط تاثير کي
فيض روئيندي تا قيامت، دنيا منهنجي شبير کي
❋

## ڪربلا ھي تہ ٻڌاءِ

ڪربلا ! ڪيڏو پري ھئي توکان اھا نھر فرات
جنھنجي پاڻيءَ کان رھي، محروم مظلومن جي ذات
تشنگي جنھن سان وسائي ھئي سپاھہ بد صفات
موت ٿيو سيراب جنھن سان، ۽ رھي پياسي حيات
تر نہ پنھنجا لب ڪيا ھڪ صاحب احساس ٻڌ
جنھن جي ساحل تي تيمم ھو ڪيو عباس ٻڌ
❊

## غمِ حسين

فقط وسيلهء ماتم نہ آ، عزاءِ حسين ،
جو هي تہ ذريعهء تسخير ڪائنات بہ آ

غمِ حسين فقط زادِ آخرت ئي نہ آ،
غمِ حسين تہ سرمايہء حيات بہ آ،

زيست ۾ بزمِ جهان، ابن عليءَ جو غم آ
جنهن سان راحت ملي سو ابن عليءَ جو غم آ

جنهن سان افڪار ۾ رونق آ تہ ڪردار ۾ آ جهان
زمين جو روحِ روان ابن عليءَ جو غم آ

هي محبت جو محافظ، آ شرافت جو امين
هي شجاعت جي زبان، ابن عليءَ جو غم آ

حق تي باطل جي آ يلغار اڃان تائين جاري
انڪري ئي تہ جوان، ابن عليءَ جو غم آ

اظهار جي جرئت نہ چو مون فيض هجي جو!
منهنجي سيني ۾ جو پنهان ابن عليءَ جو غم آ
❊

## ڪرب وبلا

ڪرب و بلا کي ڏسي خود ڪربلا حيران آ
۽ ڏسي شبير کي، صبر و رضا حيران آ

چهره اطهر تي شاهہ مکيو جڏهن اصغر جو خون
جرئت شبير تي، ارض و سما حيران آ

سر ڪپائي ، گهر لٽائي پيو حسين آ سربلند
زندگي ۽ موت جو، هر فلسفہ حيران آ

سر بہ سجده فيض ٿيو ابن علي هن شان سان
مُڏي خنجر جي ڪناري تي قضا حيران آ

❇

www.ripri.pk


## عظمتِ حسين

سر پنهنجو ڏئي عطا ڪيون، دين کي بلنديون
ڪيڏين بلندين تي آ، عظمت حسين جي

هڪ فرض زيرِ سايہء خنجر ادا ڪيو
تاريخ بنجي وئي آ، عبادت حسين جي

هيءَ وصف فيض پيدا ڪريو پنهنجي ذات ۾
آ زندگي وفا سان عبارت حسين جي

هر دورِ ستم جي علامت يزيد آ
هر دور کي رهي آ، ضرورت حسين جي
❊

ripriadabiacademy@gmail.com

# لکين سلام

نور عينِ محمد، سڪون علي،
قلب زهرا جي راحت تي لکين سلام
زورِ بازوئي حضرت امام حسن
گوهر هاشميت تي لکين سلام
دوش احمد جي زينت تي دائم درود
سيد اهل جنت تي لکين سلام
روئڻ تي جنهن جي مصطفيٰ ٿئي بيچين
انهيءَ جي شهادت تي لکين سلام
باعث طول سجدو آ جنهن جو وجود
ان جي واجب اطاعت تي لکين سلام
شاهِ ڪربلا، نائب لافتيٰ
اُن پاسبانِ شريعت تي لکين سلام
جنهن خوابِ ابراهيم پورو ڪيو
تا ابد ان جي عظمت تي لکين سلام
صبر و ايثار ۾ هو جو پنهنجو مثال
ان شاعرِ دشتِ غربت تي لکين سلام
حسين ابن حيدر، شاهه ڪربلا
ان جي دائم امامت تي لکين سلام
هم شڪل محمد، اڪبر جوان
ان علمدار امت تي لکين سلام
شهيدان ڪرب و بلا تي درود
شام غربت جي خيمن تي لکين سلام
محبت ملي فيض ورثي ۾ جنهن کان
ان پنجتن جي وارث تي لکين سلام

❊

## امير المومنين حضرت علي عليہ السلام

ابو طالب جي فرزندن کي, خدا ڏئي فيض گهر پنهنجو
وڏائي هئي فضيلت ساري دنيا جي گهراڻن کان

نصيريءَ جو عقيده جي ڪفر آهي خرد مندو
ڀلا اڇلي ڏيکاري ڪو پنهنجي اولاد پهاڙن تان

سواءِ حيدر ڪوئي اهڙو ڏيکاريو جو هجي چوندو
آ هيان واقف زمينن کان زياده آسمانن جو

جڏ فيض پنهنجي ملا کي ٻڌائي جڏ هي وڏي واڪي
خدا جو دين باقي آ, علي جي امتحانن کان
*

## ڇا ڇئجي

وقار تشنہ دھانِ فرات ڇا ڇئجي
اَجل جي جام ۾، آبِ حيات ڇا ڇئجي

چئني طرف ڪان هئي شب قدر جي فضا رڻ ۾
انهيءَ طرف جي ڪائنات ڇا ڇئجي

وسائي ڏيئو ڇيو شاھہ ڪجھہ مين ڪي
سا ڳالھہ ان جو جواب ۽ سا رات ڇا ڇئجي

حبيب ابن مظاهر جو بانڪپن تہ ڏسو
وٺي هليو آ عدم ڏي، برات ڇا ڇئجي

وڏائي ٻهر جي توقير تو عجيب آ، حر
سي هڪڙي رات ۾ پاتي نجات ڇا ڇئجي

هن مسڪرايو هو ليڪن! زبان سان ڪجھہ نہ چيو
جهانِ درد ۾ اصغر جي بات ڇا ڇئجي

زمين لرزي رهي هئي، ڏهڪيو ٿي عرشِ برين
مگر حسين جو صبور و ثبات ڇا ڇئجي

مدينہ ، مڪہ و نجف ، ڪربلا آ راهِ حسين
هيءَ فيض آ، راهِ نجات ڇا ڇئجي

❇

# ميدان ڪربلا ۾ شام غريبان جو منظر

هيءَ رات قيامت جي آ، يا شامِ غريبان
پيا خاڪ تي آهن اڄ بي حال پريشان

تاريڪي و ويراني آ ۽ هو جو آ عالم
سادات جو غم خوار نہ ڪوئي

اميد لال پيغمبر جا ۽ زهرا جا دلارا
هو جن جو ڀروسو سي ٿيا خلد روانا

وارث جي آهن ستا، سر کي ڪپائي
شهزاديون ٿيون سرننگي، چادر کي کسائي

جواب لال مري يا ڪو برادر مري ڪنهنجو
دستور آهي ڏين ٿا عزيزن کي دلاسو

زينب جي هي دلجوءِ جو سامان بنيو آ
ٻانهن رسا آهن ۽ گهر ٻر بہ جليو آ

فرياد سڪينہ جي آ، بابي کي گهرايو
بي موت مران ٿي مان مسيحا کي گهرايو

ٿي منٿ ڪريان ڪوئي مون کي چاچي جو ٻڌائي
درياهہ تي وڃان ٿي ڪو مونکي پتو ٻڌائي

بلڪل نہ آهي هوش تہ هو پيو آ ڪنهن پر
خيما بہ جليا، لتجي ويو بيمار جو بستر

ڪاڏي وڃي چا ڪري اڄ عابد بيمار
هيءَ پهرين ٿي منزل آ، امامت جي فرات بار

آ بعد اخي پهرين هي شب، پهرين هي منزل
فيض باقي اڃان آهن، اسيريءَ جا مرحلا..

❊

## حضرتِ شبير۔1
## مظلومِ ڪربلا

لاشو جوان پٽ جو اڪيلي ڪنيو حسين
خيبر ڪان پيي وڏي وئي جرئت حسين جي

گردن تي تيغ ، سجدهہ معبود ۾ آ بسر
آ منفرد جهان ۾ عبادت حسين جي

نوڪر ملوڪيت ڪي هٽي ٿو سو فيض
آهي جنهين جي دل تي حڪومت حسين جي

❊

## حضرت شبير۔2

ڪري رحيم آ، آسمان، سجدو سرِ شبير ڪي
ورتو ڏسي دنيا جهان ۾ شاهہ جي توقير ڪي

راهِ حق ۾ سر ڪپائڻ ويو جڏهين مقتل طرف
پرچم اسلام سيد، ڏئي ويو همشير ڪي

شاهِ دين آندو جڏهين ميدان ۾ پاڻيءَ جي لاءِ
تير هنيو هو حُر ملا، اصغرِ بي شير ڪي

اڪبر جڏهن مقتل ۾ پهتو ٿي چيو هي دشمن
ڏسي وٺو پيغمبرِ اسلام جي تصوير ڪي

اشتهاتاراج ڪيو فيض زهرا جو چمن
دشمنن آندو نہ ڏيان ۾، آيئہ تطهير ڪي

❊

## شهيدِ ڪربلا

حسينيت جي تصور سان دل ٿيو روشن
ذريعي نصيب جو ٿيو خانہ خدا روشن

گھٽائون ڪفر جون وضلالت جون, ويون جڏهن گهيري
چراغ سجده شبير ٿي ويو روشن

نظريہ حضرتِ عابد ڦري رهيا هوندا
سي ئي چراغ جنهن ساڻ هئي فضا روشن

يزيد هاڻي تہ تنهنجون اکيون ڪليون هونديون
چراغِ مصطفيٰ ٿي ويو هميشہ لاءِ روشن

سوار دوش محمد کي ڪر سلام تون فيض
سفر مدينہ کان آ, تابہ ڪربلا روشن

❊

## نذرانہ عقيدت ـ1

### حضور حضرت امام حسين عليہ السلام

رضا جو، صبر جو ايثار جو آ، نامِ حسين
زماني پر لاءِ صداقت جو آ پيامِ حسين
نہ ملندي ڪنهن کي جهان ۾ هيءَ عظمت و عزت
نہ پائي سگهندو ڪوئي پيي، تنهنجو مقام حسين
سراپا صدق و صفا پيڪرِ خلوص وفا
آهن توهان تي ئي هي خوبيون تمام حسين
آ سوڳوار اڄان تائين زمينِ ڪرب و بلا
جو ذري ذري جي لب تي آ صبح و شام حسين
فقط آ فيض کي، دنيا ۾ آسرو تنهنجو
راهِ حيات جي مشڪل هر هڪ آگام حسين
هونءَ تہ ڪئين آيا ۽ ايندا پيا هزارين انقلاب
ليڪن! ڪربلا جو تي نہ سگهندو ڪڏهن پيي ڪوئي جواز
حزنِ شهدا جو قسم، شامِ غريبان جو قسم
باعث بخشش آ، شبير جي مدحت جو ڪرڻ
سرخرو تي ويو سجدي ۾ ڪپائي سر کي
هن کي چئبو آ ادا، حق شهادت جو ڪرڻ
طالب نظر ڪرم تنهنجيءَ جو آهي هي فيض
ٿئي نصيب هن کي روزي جي زيارت جو ڪرڻ
❉

## نذرانۂ عقدت ـ2
## سلام

ظلم جي فطرت ڪڏهن درد آشنا ٿيندي نہ آ
صبر جي عظمت رَهينِ التجا ٿيندي نہ آ
عشقِ محمد ۽ دلائي، آلِ حب مرتضيٰ
آ، اها دولت جا غيرن کي عطا ٿيندي نہ آ
اي محتسب تون بہ پي تہ ڏس، باده حبِ علي
هن کان بهتر دردِ عيان جي دوا ٿيندي نہ آ
سوار ٿي شبير نيزي تي ٻڌايو هي اسان
فطرتِ ذوقِ عمل، بي دست وپا ٿيندي نہ آ
رزم گاهِ حق ۾ مردانِ خدا جي واسطي
موت هڪ انعام ٿيندو آ سزا ٿيندي نہ آ
زندگي صبر و رضا جي فرش تي خنجر هيٺان
صرف بدلائي ٿي ڪروٽ، پر! فنا ٿيندي نہ آ
رحم جي اميد ڪو بدڪار کان ڪهڙي رکي
ڇو جو ڪم ظرفن کان ڪڏهن ٻيي وفا ٿيندي نہ آ
تذڪره شبير جو آهي مشيعت جي عطا
هر ڪنهن کي اهڙي دولت، فيض عطا ٿيندي نہ آ

*

# نذرانہ عقيدت ـ3

حسين ابن علي، عالي مقام، اي ڪربلا وار
درود اي هل اتيٰ وارا ، سلام اي ڪربلا وارا
پرستاران وحدت لاءِ، آهي شمع هدايت هي
تنهنجو صبر و سڪون، حسنِ ڪلام اي ڪربلا وارا
ڪرڻ باطل جي بعيت تي ڏني تو مرڻ کي ترجيح
شهيدِ ملتِ خير الانام اي ڪربلا وارا
ازل کان اڄ تائين اهڙو نئو منظر ملي ٻيو جو!
لبِ درياهہ رهن ٻاهتر اڃايل ڪربلا وارا
تنهنجي ايثار ئي دين خدا جي آبرو رکي
امينِ ورثہء خير الانام اي ڪربلا وارا
زمين ڪربلا روشن آ تنهنجي خونِ ناحق سان
ٿا ڪن اڄ احترام هن جو ملڪ اي ڪربلا وارا
توهان جي سوڳواري روح کي پاڪيزه ڪندي آ
توهان جو عشق آ وحدت جو جام اي ڪربلا وارا
ابد تائين نام روشن تو ڪري ڇڏيو آ ڪعبہ جو
سلام اي فاطمہ جا لالہ فام اي ڪربلا وارا
ڪري فيض چا سگهندو اندازو شاهہ جي عظمت جو
اسان جي سوچ آ ، سوداءِ خام اي ڪربلا وارا

❊

## نذرانہ عقيدت۔4
## بحضور شھيدِ ڪربلا

غافل ٻہ غور تمغہ □ سازِ حيات ٻڌ
هر لمحہ پنجتن تي درود و سلام آ

اھو جنھن تي دوجھان جي عبادت ٻہ آ نثار
سجدو حسين جو سو اڃان نا تمام آ

جور و ستم جي دؤر ۾، تابِ سخن حسين
ھر طرزِ فڪر، ھڪڙو مسلسل پيام آ

جبريل و ذوالفقار آھن معتبر گواھہ
شبير انتھائي شجاعت جو نام آ

اي فيض منھنجي فڪر جي معراج اھا ئي آ
ھر دم زبان تي سبطِ پيغمبر جو نام آ

❊

## نذرانہ عقيدت ـ5
## شانِ حسين

ڏسي زمانو تہ قولِ پيغمري چاهي
”حسين مني“ جو مفهو واقعي چاهي

هي چئي اچي ويو لشڪر يزيد جي مان حر
اچي نہ حق جي جيڪا ڪم، سا زندگي ڇاهي

حسين آخري سجدو ڪيو اهڙو ڪربلا ۾
اچي ويو سمجهہ ۾ معراجِ زندگي ڇاهي

ڪپائي سجدي ۾ گردن ڏيکاري راهِ نجات
ٻڌايو شاهہ تہ مفهومِ رهبري ڇاهي

جدا هئا جسم ڪان سِرَ لشڪر حسينيءَ جا
ملي سگهيو نہ ڪفن ، هائي بيڪسي ڇاهي

ڇيو ٿي زهرا تہ خنجر کي روڪ تون اي لعين
منهنجي حسين سان اي شمر دشمني ڇاهي

نہ روئي زينب سگهي، ڀاءُ جي لاش تي اي فيض
ڏٺو زماني تي زينب جي بي وسي ڇاهي
*

## نذرانہ عقيدت ـ6
## حضرت زينب سلام الله عليها

باعث فخر خواتين جهان آ زينب
وارث عظمتِ خاتمي جنان آ زينب
اڄ تائين مجلس و ماتم ۾ اهو ئي آ تاثير
ڪربلا تنهنجي شهيدن جي زبان آ زينب
گهر لٽيو خيما جليا ۽ آئي ٻارهينءَ جي رات
اڄ شهيدن جي يتيمن جي نگران آ زينب
پيءُ جي گود ۾ اصغر کي لڳو تيرِ ستم
رڻ ۾ شبير ۽ خيمن ۾ تپان آ زينب
گهپ انڌاري ۾ سڪينہ کي جڏهن ڳولي چڪي
ڳولڻ مقتل جي طرف پوءِ ٿي روان آ زينب
قاسم و اڪبر و عباس هينئر ناهي حسين
بس شهيدن جي فقط مرثيہ خوان آ زينب
مجلسِ حضرتِ شبير جتي پئي ٿي ٿئي فيض
آ يقين اڄ بہ اتي ، نوحہ خوان آ زينب
❇

## نذرانہ عقيدت ۔7

اي مسلمِ غريب صداقت جا ايلچي
دين مبين حق جي حڪومت جا ايلچي
پيغمبر خدا جي امامت جا ايلچي
ايثار جا، وفا جا، شرافت جا ايلچي
لکين سلام توتي، محبت جا ايلچي

تنهنجي ادائي مرگ، جي دنيا شاهد آ
تاريخ آ گواه تہ پياسو شهيد آن
ڪوفي ۾ ڪربلا جو انوکو شهيد آن
جنهن کي رنو حسين سو تنها شهيد آن
لکين سلام توتي محبت جا ايلچي

نڪتين وطن کان بار سفارت جو تون کڻين
فرمان بارگاهِ امامت جو تون کڻي
آقاجي اعتماد جي دولت کي تون کڻي
شبير جي پيام محبت کي تون کڻي
لکين سلام توتي، محبت جا ايلچي

دنيا ڏٺو سفير نہ هن آن جان جو ٻچن جو
فڪر هونہ خيال پنهنجي جان جو
لب تي ذڪر سدا هو محبت جي شان جو
غم هو دمِ اجل تہ عليءَ جي شان جو
لکين سلام توتي ، محبت جا ايلچي

مسلم تنهنجيءَ وفا جا تہ ڪوفي آهن گواهہ

تاريخ جا صرف درخشان آهن گواهه
شمس و قمر ۽ جن و ملائڪ آهن گواهه
غربت تنهنجيءَ تي ڪوفي جا رستا آهن گواهه
لکين سلام توتي محبت جا ايلچي

چاچا هيون حسرتون دلِ اميدوار ۾
پهتين ور نہ خدمتِ شاهه ذي وقار ۾
آئون نہ عزت منهنجي قول ۽ ڪرار ۾
ڪوفين جي در تي لاش رهي انتظار ۾
لکين سلام توتي، محبت جا ايلچي

راهِ خدا ۾ چاچا نہ توغم سٺو
هيو روحِ وفا چرڪ پري صلي عليٰ چيو
تنهنجي جگر جو خون آ اهڙي طرح وهيو
نسلِ عقيل مان نہ ڪوئي فيض آ رهيو
لکين سلام توتي محبت جا ايلچي
❊

## نذرانہ عقيدت ـ8

تون حسيني آن، نفرت نہ ڪر، ڪنهن ڪان جو!
درسِ شبير آ انسان سان محبت ڪرڻ جو

خونِ شهدا جو قسم، شامِ غريبان جو قسم
باعث بخشش آ، شبير جي مدحت جو ڪرڻ

ڏئي ويو درس هي تقويٰ جو حسين ابن علي
تيرن تلوارن جي بارش ۾ عبادت جو ڪرڻ

سرخرو ٿي ويو سجدي ۾ ڪپائي سر کي
هن کي چئبو آ، ادا حق عبادت جو ڪرڻ

طالب نظرِ ڪرم تنهنجيءَ جو آهي هي فيض
ٿئي نصيب هن کي پيءِ روضي جي زيارت جو ڪرڻ

❊

## نذرانہ عقيدت ـ9

وڏي نصيب جا مالڪ ڏٺم زماني ۾
مگر حر جو ڪو نہ ثاني آهي زماني ۾

حسين صرف تنهنجو غم آ دائمي ورنہ
نہ آهي ڪا بہ شئي دائمي زماني ۾

يزيد جو تہ ڪوئي نام ڀي نٿو پيو وٺي
حسين اج بہ آهي روح تي زماني ۾

جن ئي جي لاءِ لٿي هئي آيئہ تطهير
انهن جي سر تي نہ چادر رهي زماني ۾

زمانو حسين جي اشاري تي پيو هلي ٿو فيض
خدا جي بعد اهو ئي، منهنجو زماني ۾
❊

# متفرق

## متفرق

مون انجمن انهيءَ کي بہ ڪڏهن برو نہ چيو
جتي اسان جو ذڪر بي دليءَ سان ٿيندو رهيو
❊

چمن ۾ منهنجي جڏهن پي بہ چار گلڙا ٽڙيا
هوا جو زور ڏاڍي برهميءَ سان فيض ٿيو
❊

هوا جي زد تي جلي ٿو جو پيو ٻين لاءِ فيض
اهو چراغ سرِ رهہ گذار، آهيان مان
❊

بس هن خطا تي شيوه آ منهنجو حق گوئي
تڪي صليب ٿو. زندان منهنجي تلاش ۾ آ
❊

ڪيستائين بشر وڪامندو زر و سيم جي عيوض
هن دلفريب رسم کي هاڻ پاش پاش ڪر
لازم آ، هن جهان ۾ فڪرِ معاش، پر
خود کي نہ وقف محض برائي معاش ڪر
❊

نام منهنجو ٻڌي تلخ نوا ٿيو ٿا اوهان
چا! منهنجي ذڪر ۾ شامل ڪا سچائي آ ؟
❊

احباب منهنجي تلخ نوائيءَ تي خفا آ
پيو ڪجهه بہ نہ آ، صرف منهنجي ڳالهہ ڪري آ
❊

ستمِ زيست جا شڪوه ٿو ڪرين ڇو تون فيض
بخدا هي نہ تنهنجي درد جو دامان ٿيندا
❊

غمن جي پيڙ ۾ هڪ مان ئي فيض رهجي ويس
منهنجي حيات اڃا عرصہ عذاب ۾ آ
❊

پيو ٿو سوچيان تہ ڪا حد آ، آزمائش جي
هر دؤر ۾ ئي صرف مان ٿو آزمايو وڃان
❊

سچ چوڻ جي هيءَ سزا مونکي ڏني آ دنيا فيض
ويو اٿاري مونکي محفل مان گداگر جي طرح
❊

بدلي آ هوا اهڙي جو ڪجھ ڇئي نٿو سگھجي
ڪوئي بہ هتي موردِ الزام نہ آهي
*

دنيا ئي محبت جي عجب ريت آهي فيض
بدنام اهو ئي آ جيڪو بدنام نہ آهي
*

موت ان جوئي پلو آ ، ڪري جنهن جو زمانو افسوس
ورنہ دنيا ۾ تہ آيو ئي مرڻ لاءِ آهي انسان
*

اگرچہ مون تي بہ زنده رهڻ جي تهمت آ
جي خود پرست آهن ، باالخصوص زنده آهن
*

هي دؤر جنهن ۾ نہ آهي ڪو اعتبارِ خلوص
آ معجزه تہ ڪجھ اهلِ خلوص زنده آهن
*

مونکي خاطر سان رک ساقي، آهيان مئہ خاني جي رونق
هيءَ رونق پوءِ ڪٿي هوندي، اٿارينندين جي تون مونکي
*

مونکانسواءِ اهي رنگينيون ڪٿي اي فيض
ويرانہ بزم تڏهين ئي منهنجي تلاش ۾ آ
*

تو خدا جي نام سان ڪيان ابتداءِ مئہ ڪشي
وٺندس ڏسي مان ڪير تو ڏئي ڪفر جي فتويٰ
❊

ختم ٿئي ٿي بهار هاڻي اچي پي شيخ رندن سان
اهڙي محفل نہ ملندئي اهڙو ميخانو ڪٿان ايندئي
❊

ساقي ميخانو رهي قهرِ خدا کان محفوظ
پي جو اٿيو آ ڪوئي تشنہ لبيءَ جا آنسو
❊

فيض چا! واقعي مون لاءِ آهي غمگين. ڪوئي
يا ڪلن ٿا پيا منهنجي حال تي ڪنهن جا آنسو
❊

پارسائن پنهنجي ظرف جو اظهار ڪيو
مون سان پي مونکي ئي رسوا سرِ بازار ڪيو
❊

ڪيم تلاش تہ سب جمع خانقائن ۾ هئا
ويا جي وچڙي هئا ساقي شرا ب خاني مان
❊

خود پنهنجي اعتماد ئي ڏوکو ڏنو مونکي
ورنہ اصولِ زيست کان بي خبر نہ هوس
❊

هي ديار اهلِ نفاق آ، هتي احتياط سان رک قدم
نہ کنهن کي کو جواب ڏي نہ کنهن کان کو سوال کر
توکي فيض شوقِ ثبات آ، تہ راهہِ ميانہ رويءَ تي هل
ڪٿي ٻين جو مثال ڏي، ڪٿي پيش پنهنجو مثال کر
❊

اسانجي ملک جي سياست جو فيض حال نہ پڇ
گهيريل آهي هيءَ طوائف تماشبينن ۾
❊

جي قول و فعل ۾ سنجيدگي نہ آ غالب
تہ ڪاروبارِ سياست ستم ظريفي آ
❊

هي پيچرن جا خم و پيچ رهزنن جا مجموعہ
ڪٿي ڇڏي ويا اسانکي هي راهبر تنها
❊

اسان جي هيءَ شرافت آ، آهيون خاموش اسان ورنہ
آهن رهزن اسان جن کي ٿا سمجهون رهبرِ منزل
❊

فيض لاءِ ماڻهن تي ڇيو پٽر جو انسان آ مگر
داستان پنهنجو ٻڌا، ٿيندي ٻہ اج روئي ڏنو
❊

جنهن ٻہ فيض آ سچ ڇيو ڦاسيءَ تي سو لٽڪايو ويو
دستور هت آهي اهو، هن ڪانسواءِ ڪجهہ پي نہ آ
❊

رسم جفا هيءَ ڪامياب ڏسجي تہ ڪيستائين ٿي رهي
دور هي خانہ خراب ڏسجي تہ ڪيستائين ٿو رهي
❊

اسان جي گهر جو اجڙڻ بہ رائيگان نہ ويو
سڪوتِ شهر ڪي موضوع گفتگو تہ مليو
❊

اسان ڪانپوءِ انڌارو ئي رهندو محفل ۾
پلي چراغ جلايو نہ روشني ٿيندي
حقير سمجهين ٿو جن کي سائين پيو تون فيض
سي ئي چراغ جڏهن جلندا روشني ٿيندي
❊

واعظ سان تعلق جو اراده تہ ڪيو مون ، پر
آئي نہ مونکي بوئي خلوص هن جي عبادت مان
❊

ڪڏهن پسند ڪر نہ قباحت جي زندگي
آهي عجب جهاد شهادت جي زندگي
❊

تنهنجي اڇڻ سان رنگينئي چمن تہ وڌي
هيءَ ڳالهہ ٻي آ تہ مونکي قرار گهٽ آيو
❊

اڄ پنهنجي انتهائي نامراديءَ کي ڏسي
مونکي پنهنجي دل جو عهدِ ڪامران ويو ياد اچي
❊

ملن ٿا غم بہ فقط اڄ نصيب وارن کي
هر هڪ کي اهڙا خزانہ ڪٿي ٿا فيض ملن
❊

ان ڪري پيار ڪرڻ کان ٿو ٻجي فيض
ٿا ڇڏن ٽوڙي هو پيمان بہ اصولن وانگر
❊

خدارا ٽوڙي ڇڏ هي رسمِ دنيا جون تون زنجيرون
تنهنجون مجبوريون ڪيستائين، منهنجون رسوائيون ڪيستائين
❊

ڇا ٿي پيو جي زاهد و ملا جي دل آ ٻي چراغ
گوشئہ مسجد اندر رکيل ڏيئو پي گهٽ نہ آ
❊

هڪ دفعي مون صاحب ڪرسيءَ کي هي چيو
اڳيون سو توءِ جذبهٔ مهر و وفا نہ آ
ڪرسي نشين فيض ڏنو مونکي هي جواب
ڪرسيءَ جو آ قصور، هي منهنجي خطا نہ آ

❊

ماڻهو بي ڪيف آهن ماحول جي بي ڪيفيءَ کان
نہ قيادت ۾ آ لذت نہ فقيريءَ ۾ مزو
قيد مان آزاد ٿي هڪ مردِ قلندر چيو فيض
نہ آزاديءَ مزو آ، نہ اسيريءَ ۾ مزو

❊

نظر نظر ۾ تو ڪتڪان مان مجرمن وانگر
رهيس مان وقت جي زندان ۾ قيدين وانگر

❊

لڳايو مون تہ انهيءَ کي بہ آ ڳلي سان فيض
ملي ٿو مون سان سدا جيڪو دشمنن وانگر

❊

ٻڌي پي ڪو نٿو هت فيض، ڪنهن مظلوم جون چيخون
هتي انصاف گونگو آ، هتي قانون انڌو آ

❊

خدا اڳيان لڪي هرگز نہ سگهندو خونِ ناحق ، جو
تنهنجي دامن تي ڇنڊا ۽ هٿن تي رت لڳل هوندو

❊

جاڳايو جن جي ڳالهين هو ضميرِ آدميت کي
آ تن جو ذڪر اڄ غائب ، عجب هيءَ فيض دنيا آ

❊

جن جي ملڻ سان تي وچيتو زندگيءَ سان عشق فيض
تو شايد ناهن ڏٺا اهڙا بہ آهن ديده ور

❊

هو شخص ابتدا  کان بد گمان هو
حالانڪ مونکي پنهنجي محبت تي مان هو

❊

مونکي هو سوئي دار  ڪيئي بار ويو وٺي
هاڻي ٿو چئي هي منهنجو فقط امتحان هو

❊

جي اضطراب جي موسم گذاري آيا آهن
خبر آ تن کي تہ وحشت جو چا زمانو آ

❊

هو جنهن کي شڪوه ٻين کان ظلم سهڻ جو
خود ان جو پنهنجو بہ انداز جارحانہ هو.

❊

ميخانو قيامت جو سمو آ ساقي
تقديسِ حرم اَشڪ فشان آ ساقي
هي دام و قفص هي بجلين جي يورش
گلشن تي جهنم جو گمان آ ساقي

❊

راحت ڪٿي نصيب مونکي زندگيءَ ۾ آ
آ زندگيءَ جو نام، مگر زندگي نہ آ
❊

هر طرف سايہ ئي سايہ غم جا لهرائين ٿا پيا
حادثہ گهر منهنجي ۾ هاڻ پرورش پائين ٿا پيا
❊

غم کان ڪڏهن فروغ نہ پاتو آهي اسان
روشن اهو ئي هڪڙو چراغ پاتو آهي اسان
❊

اسباب آهن اجل جا ، جي رهيا آهيون اسان
۽ سبي پنهنجو ڪفن خود رهيا آهيون اسان
❊

جليو آ تسلين سان فقط ذهن اسان جو پر
تائيد کان منڪر آهن، دل و جان اسان جا
قدرت جو ڪرشمو آ، هيءَ چال ستارن جي
حاڪم ويا اهي ٿي جي رهيا دربان ٿي اسان جا
❊

دنيا کي محبت جو سبق جڏهين بہ ڏنو مون
دنيا مونکي چيو پيار ۾ رکيو ڇا آ
تون تہ پٿر جو پوڄاري نہ هئين فيض
دل ۾ پوءِ ڇو هي صنم خانو سجائي رکيو آ
❊

هزار بار مليو هو مگر نصيب جي ڳالھہ
ڪڏهن زبان نہ کلي عرضِ مدعا جي لاءِ
❊

سوال خونِ شهيدان جي آبرو جو بہ آ
هي مسئلو تہ گلستان جي رنگ و بُو جو بہ آ
اسان جي جرمِ محبت تي مفتيانِ جهاد!
جو فيصلو آ اوهانجو سوئي عدو جو بہ آ
❊

ڏنو پر ڪي آ مون سياست ڏٺين ڪي
حقيقت گهٽ، ڪلاڪاري زياده آ
ڏاڍو آسان ٿي ويو آ، مرڻ اڄ
صرف جيئڻ ۾ دشواري زياده آ
❊

گمان ٿيو هو تہ ويو دل مان ڪربِ محرومي
هوا ڪجھہ اهڙي گهلي زخم زخم جاڳي اٿيو
❊

نہ ڄاڻي چانڊوڪي چو تي ٻڌائي هاڻي فيض
تحازتن جي حقايت رنگن جو افسانو
❊

هر قدم تي راهہ ۾ ٺوڪرون ڪيڏيون لڳيون
پوءِ بہ مونکي ڄاڻي ڇو پنهنجو سفر سهڻو لڳو
❊

اڄ تائين آ راز جي صورت ڪتاب زيست صرف
ڪير سمجهيو آهي فيض، فطرتِ انسان کي
❊

ٻڌ وطن جو فسانہ تہ ڏاڍو فيض رنس
ڇڙيو جي قوم جو قصو تہ ڏاڍي کل آئي
❊

اکيون آهن شام کان سحرِ نور جون منتظر
ءِ رات ڇئي رهي آ، اڃان انتظار ڪر
❊

تون چپ رهئين پيامِ محبت اهو ئي تہ آ
اکيون جهڪيون، نظر جي قيامت اِها ئي تہ آ
❊

توکي ڪجهہ جنبشِ لب کان ئي ٿي هوندي غلط فهمي
مگر ناهي خبر مونکي تہ مون هو ڇيو ڇا يارو
❊

نمائش لاءِ ڪنهن ڏينهن، هي بہ ڪنهن ڪم ۾ اچي ويندا
اگر رهجي ويا باقي، بہ چار اهلِ وفا يارو
❊

بجائي خود جنون آ فيض سزائي آرزو مندي
بقدرِ جرم ڪافي آ، اهائي بس سزا يارو
❊

هيءَ ڳالهه ٻي آ تہ تون بنجي وئين ساقي
مگر هي ياد رهي ميڪده اسان جو آ
❊

قدم قدم تي هجي جنهن کي رهزنن لٽيو
سا قوم ڪنهن سان پنهنجو حالِ زار ڪري؟
❊

مان بعد مرگ بہ بزمِ وفا ۾ زنده آهيان
تلاش ڪر منهنجي محفل، منهنجي مزار نہ پڇ
❊

دوستيءَ جو پيو آهي موسم سان تعلق شايد
رت بدلجي ٿي تہ ماڻهو پيو بدلجي ٿا وڃن
❊

نظر اچن ٿا هر قرار ۾ انڪار جا پهلو
محبت اڄ زماني ۾ سياست ٿي وئي آ
❊

” نہ پڇ عوام سان ڇا ڇا نہ ٿيو آ
لطف و ڪرم عوام تي ڇا ڇا نہ ٿيو آ “
بيسڪ ڊماڪرسي و زبان بند اسيمبلي
جمهوريت جي نام تي ڇا ڇا نہ ٿيو آ
❊

هي تہ سنگ تراشن جو شهر آ هي فيض
دوڪان ڪهڙي تي آيو آن آئينہ تون وٺڻ
❊

زهر آلود سهي، لب تي تبسم تہ سجيو
ڪجهہ وچڙڻ جا بہ آداب تہ ٿيندا آهن
❊

منحصر، اهلِ ستم تي ئي نہ آهي فيض
ماڻهو پنهنجن جي عنايت سان ٻيي مرندا آهن
❊

فن حقيقت آ ۽ اظهارِ حقيقت آ گناهہ
پيو ٿو سوچيان تہ گنهگار ٿيان يا نہ ٿيان
❊

سوچيم هن بزم ۾ خاموش ٿي رهندس پر
موضوعِ سخن بنجي وئي ڪم سخني پيي
❊

واعظ منهنجي جبين جي طلب آ، درِ رسول
توکي آ فڪر صرف ثواب و عذاب جو
❊

چمن ۾ گريہ شبنم جو تبصرو ڇاهي
تنهنجي فراق ۾ بادِ صبا بہ روئي ٿي
❊

چرچو تنهنجي عظمت جو صبح و شام رهندو
دنيا ۾ بهرحال تنهنجو نام رهندو
❊

ڪٿي آ زندگيءَ جي موج اڄ ڪلهہ فيض
پڇي ڏس تون ڪنهن درد آشنا کان
❊

صرف مونکي ئي چون ٿا تہ نظرون هيٺ ڪر پنهنجون
انهن کي ڪونٿو چئي هو نہ نڪرن ائين عيان ٿي
❊

محبت جا زندگي ۾ اهڙا مرحلا آيا جو
نفرت ٿي فيض وئي آ محبت جي نام کان
❊

مون تہ بخشي هئي توکي سُرخئي رخسار و لب
توکي برباد ٿيندو اهڙي طرح ڪيئن مان ڏسان

❊

چا عجب سلسلہ جبرِ مسلسل آهي
ٿو اٿي شور تہ قاتل جي طرفدارن جو

❊

نہ زندگيءَ جي ضمانت، ناهي ڪا جائي پناهہ
چئوطرف راڄ آ اڄ موت جي هر ڪارن جو

❊

چا ملي دادِ وفا، محل نشينن کان جو فيض
هو تہ ڄاڻن ئي نٿا، قدر شناسي چا هي

*

پچڙ وارو نہ آهي ڪوئي ڪنهين قاتل کان
لبِ ذيِ هوش مقفل، تہ نادان بہ آ چپ

❊

ڪوئي قانون نہ آ ملڪ ۾ اهڙو شايد
جيڪو مذموم عزائم جي ڪري اڄ مذمت

❊

دونهين جي بدران ٿو نڪري پيو خون چمنين مان
آ ڪير ڳالهہ لکي جيڪو ڪارخانن جي
جي تي سگهئي تہ بچاءِ دامن غريبيءَ ڪي
جو فيض جنگ آ، هيءَ ٻن وڏن گهراڻن جي
❇

اسان جو مقصد حقير ڇو آ،
اسان جي ملت ذليل ڇو آ ؟
❇

خدا جون ڳالهيون نہ فيض ڪان پڇ ،
خدا جون ڳالهيون خدا ئي ڄاڻي
❇

اسان جي عهدِ ماضيءَ جي ڪهاڻي
ڏاڍين رسوائين تي مشتمل آ
❇

عهدِ حاضر جي مسلمان هوس ڪارن کي
خالد و طارق و قمبر سان تعلق ڪهڙو
طالبِ دولتِ دنيا کي ڪٿي دين جو ذوق
بندہ زر جو ابوذر سان تعلق ڪهڙو
❇

مونکي ڪيڏي متان پڇتايو تو هجي شايد
محفل ۾ هن خيال کان آيو آهيان وري
❊

ڪنهن ڪري مونکي ڇڏيو قربِ رفاقت جو اسير
ڪنهن کسي ورتي هيءَ دولت منهنجي تنهائيءَ جي
پنهنجي ماحول کان غافل آهيان ايڏو جو مونکي فيض
نہ تماشي جي خبر آ نہ تماشائيءَ جي
❊

هي تي نہ سگهيو مونکان جو احباب جي دل ٽوڙيان
ڪجھ لفظ بہ گونگا هئا ڪجھ خيالِ ادب شامل هو
❊

ڇو اعتبار اچي منهنجي پارسائيءَ جو
عادت آ جن جي مونکي، گنهگار ڏسڻ جي
❊

اهلِ وفا جي شعلہ نوائي بہ مون ڏٺي
رهجي ويو هاٽي رهگذرِ دار ڏسڻ
❊

توکي شڪستہ دلين جو ڪوبي خيال نہ آ
هجي خيال تہ ڪرم جا هزار پهلو آهن
❊

جنون ۾ حد کان ٽپڻ جو آ فائدو ڪهڙو
آ مصلحت تہ ايڏو هن کي پائيدار نہ ڪر
❉

سازِ حيات سازِ شڪستہ آهي هينئر
ڪم ظرف ڪم نگاه جو رتبو آهي هينئر
❉

نہ آ خلوص نہ اخوت نہ آهي درد
هي دورِ زندگي آ تماشو بنيل هينئر
❉

قيادت جي تماشہ گاهہ نٿي خالي رهي ڪڏهين
هتي سرزد گهٽا ئي ڪارنامہ ٿا رهن ٿيندا
❉

ڪڏهن هِن جي وفاداري، ڪڏهن هُن جي وفاداري
سياسي زندگيءَ ۾ اهڙا ڊرامہ ٿا رهن ٿيندا
❉

چاهتون، سچائيون، مهر و وفا ظرف و ضمير
مار جي ويون سڀ شيون حرس و هوس جي جنگ ۾
❉

غم حسين ۾ نڪتا اکين مان جي ڳوڙها
ثواب تن جو مونکي ، حق کان بي حساب مليو
*

جلايو خون سان پنهنجي چراغ دين مُبين
بلند حوصلو ڪيڏو منهنجي امام جو آ
*

هن شهادت سان ٿيو، دين محمد ﷺ سرخرو
رمز قدرت ۾ نہ آهي، ڪا بہ جائي گفتگو
امتحان مقصود هو هڪ مردِ حق آگاهہ جو
آ حسيني نام جيستائين، نالو رهندو الله جو
*

نظر اچي انجام تو ساقي، رات ختم ٿيڻ واري آ
باقي نام خدا جو ساقي، رات ختم ٿيڻ واري آ
هوش و خرد سان ڪم ڪھڙو رات ختم ٿيڻ واري آ
اڄ خوب پيار تون فيض کي ساقي رات ختم ٿيڻ واري آ
*

بدلي آ هوا، اهڙي جو ڪجھ چئي نٿو سگھجي
ڪوئي بہ هتي موردِ الزام نہ آهي
*

دنيا ۾ محبت جي عجب ريت آهي فيض
بدنام اھو ئي آ، جيڪو بدنام نہ آهي
*

عهدِ نفس آ، ربط و تعلق وڏائي ڇڏيو
ورنہ عزيز اھڙو نہ ھو آشيان مونکي
❊

شبِ فراق خيالِ سحر ۾ وئي گذري
ڪنهين غريب جي ناڪام زندگيءَ وانگر
❊

ڇا ملي دادِ سخن بنگلہ نشينن کان جو
ھو تہ سمجھن ئي نٿا قدرشناسي ڇاھي
❊

دنيا ۾ نہ آ ڪوئي نادار جو حامي فيض
دنيا تہ هميشہ کان اميرن جي طرف آ
❊

سچ چوڻ لاءِ تہ سدائين آهيان حاضر جو
سر تہ ھڪ ڏينهن منهنجي تن کان جدا ٿيڻو آ
❊

جي حصارِ ذات کان ٻاهر ڪڏهن نڪتا نہ هئا
فيض تن ماڻهن کي پڻ ذوق سفر مون آ ڏنو
*

خوشيءَ جي اک ۾ ڳوڙهن جي جاءِ رکجان
برو زمانو ڪڏهين پڻ پڇي نہ ايندو آ
❉

همت التجا نہ باقي آ، دل ۾ ڪا بہ گلا نہ باقي آ
ٿي چڪو ختم عهد صبر و وصال، زندگيءَ ۾ مزو نہ باقي آ
❉

بغض کي قيد ڪري فڪر کي آزاد ڪريون
ذهن ناپاڪ وري پاڪ بنايون هلي آ
راه دشوار ۽ پرپيچ جي آ ڇاتي پيوا؟
گڏجي ان راهہ کي هموار ڪريون هلي آ
ڇڏ وساري اڳين ڳالهين کي هاڻي فيض
دل ۾ الفت جي نئين جوت جلايون هلي آ
❉

هن دور ارتقا جي تصوير ڇا ڏيکاريان
آ داستان غم جو ڇاڇا زبان تي آڻيان
❉

حادثائي تہ ڏيکارن ٿا نئين راهہِ گذر
سفرِ زيست ۾ مايوس نہ ٿي لٽجڻ تي
❊

چا قيامت آ جو تارا جيءَ گلشن جي عيوض
تو آهي پنهنجي نشيمن کي سجائڻ چاهيو
مون آ هر بار پرم رکيو مسيحائيءَ جو
تو آ هربار نئون زخم لڳائڻ چاهيو
❊

ضمير زنده ڪٿي، مصلحت جي ڳالهہ ڪٿي
مان قتل گاهہ کان ٻاهر بہ قتل گاهہ ۾ هس
❊

ڪيڏو نہ نادان آ هو جيڪو سدا سمجهي ٿو هي
مون جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪو ٻي نہ آ عقلمند
*

دراز قامت و قد مان نہ ٿئي ٿو ڪجهہ حاصل
جي آدميءَ جو پنهنجو حوصلو بلند نہ آ
ڪريان ٿو صرف انهيءَ لاءِ مان شاعري پيو
جو دل جي ڳالهہ لڪائڻ مونکي پسند نہ آ
❊

وڏي يقين سان لکيو آ ، جو بہ لکيو آ
جو زندگيءَ جو هر هڪ رخ تنهنجي نگاهہ ۾ آ
❊

مان هن اميد تي هن انجمن ۾ آيو هوس
تہ ملندو مونکي سڪون هت، مگر هتي بہ نہ آ
وڃان چمن ۾ تہ جنهن طرف پيو
امان جي لاءِ لڪيو پيو آ هر شاخ تي هتي بہ نہ آ
*

ساڪتِ زبان آ منهنجي ، ڇا حالِ دل ٻڌايان
تون ئي ٻڌاءِ مونکي، مان عيد ڪيئن ملهايان.
❊

سزائون ڪيڏيون نہ هڪ جرمِ زندگيءَ جي لاءِ
قدم قدم تي مصيبت آ، آدميءَ جي لاءِ
قدم قدم تي سهارن جي منتظر آ حيات
مگر جي موت جو پيغام آ خوديءَ جي لاءِ
❊

اڃي منهن لڪائي پيو مئہ ڪده ۾ پيارجو ذرا شيخ کي
وسارجو نہ اي مئہ ڪشو جو هي ڏاڍو ڪارِ ثواب آ
❊

جڏهين پڇيو رندن تہ رات جو لڪي آيو آن تون ڇا جي لاءِ
ڏنو فيض شيخ جواب هي، مونکي وٺڻو ساقيءَ کان جام آ
❊

مون ميراڻي قائم شاهہ ۾ ٻيا
مليو مونکي ثاني نہ ڪو ڄام جو
❊

چام ڪانپوءِ انڌارو ٿي رهندو محفل ۾
پلي چراغ جلايو نہ روشني ڏيندي
❊

دنيا ۾ سيٺ ڪانوني ، اي دوست تا فقير
آهن ليڊريءَ جي زلف گره گير جا اسير
❊

هونءَ تہ آ قانون ۾ هر جرم جي تعزير فيض
پوءِ دل ڏکائڻ جي سزا ڇا جي ڪري ڪجهہ پيي نہ آ
❊

عشق جي جذبہ جي وسعت، بي ڪنارو بي حساب
ابتدا هن جي آ ليڪن انتها ڪجهہ پيي نہ آ
خوش هجي سارو جهان جنهن مان ڪو اهڙو فرد آ
ڪير اهڙو ٻڌاءِ جنهن ڪان خفا ڪويي نہ آ
❊

ڪجهہ تہ ٿئي تسڪين خاطر جو سبب
مستقل نوحہ ڪيستائين ڪريان
رهبرن جو اعتبار اڄ تائين ڪيم
رهبريءَ جو اعتبار ڪيستائين ڪريان
❊

ڪڏهين بہ عام جهان ۾ نہ ٿي حڪومتِ عشق
سبب آ، هي تہ محبت زمانہ ساز نہ آ
❊

عيد جا چنڊ غريبن کي پريشان نہ ڪر
ناهي معلوم توکي زيست گران آ ڪيڏي
فيض چنڊ آهي ساري زمان لاءِ اگر
پوءِ غريبن جي گهر ۾ انڌارو ڇو آ

❉

لازم آ، هن جهان ۾ فڪر معاش، پر!
خود کي نہ وقف محض براءِ معاش ڪر

❉

منهنجي غربت کي پناهون، ڏنيون آهن غيرت
زندگي فيض جي لاءِ بار نہ آهي اي دوست

❉

سياست جي تماشا گاهہ نتي خالي رهي ڪڏهين
هتي سرزد گهٽائي ڪارناما ٿا رهن ٿيندا
ڪڏهن هِن جي وفاداري، ڪڏهن هُن جي وفاداري

❉

ڪربلا کي ڏسي خود ڪربلا حيران آ
۽ ڏسي شبير کي صبر و رضا حيران آ
سر بہ سجده فيض ٿيو ابن علي هن شان سان
مڏي خنجر جي ڪناري تي قضا حيران آ

❉

مولا حبيب ابن مظاهر جي پيريءَ کي
توئي شبابِ قاسم و اڪبر بنائي ڇڏيو
جيڪو ڪپي ٿو گردنِ شاهانِ حق شڪست
پنهنجي رڳ گلو کي اهو خنجر بنائي ڇڏيو
❋

جو چيو تو آ زبان سان سوئي تسليم ڪيم
فيض جو اصل ۾ ئي مذهب و ايمان تون آن.
❋

جلي رهيو هو منهنجو گهر، منهنجي عزيزن اڳيان
بچايو جنهن منهنجو گهر سو منهنجو رقيب هو
❋

جنهن ڪڏهن پاڻ سان اقرار محبت نہ ڪيو
تنهن جي خاطر ساري دنيا سان چو ٿو الجهين
❋

پنهنجي زخمن تي مسڪرائي، لذت درد خوب پايان ٿو
گلن جي سيج تي بي تاب آهين تون، مان زمين تي سڪون پايان ٿو
❋

آ نقش فيض هر هڪ ره گذر تي ياد منهنجي
سنڀالي هلجان اجان نقشِ پا مٽيو ئي نہ آ
❋

مون تہ اخلاق جو بنياد فراهم ڪيو آهي
ڏاڍي الزام تراشيءَ تي ڪيو آهي صبر مون
❊

پنهنجن ڪان ڪاڏا مون آهن ايذا فريب جو
هڪجهڙا ٿئي لڳن تا مون، دشمن ۽ دوست
❊

مشڪل ڪشا محمد حاجت روا محمد
آ مون لاءِ سڀ ڪجهہ بعد ازخدا محمد
امت کي هن جي شانِ ڪريميءَ تي ناز آ
فخر جهان اسانجو رسولِ ڪريم آ
❊

جن جي ملڻ سان ٿي وڃي ٿو زندگيءَ سان عشق فيض
تو شايد ناهن ڏٺا اهڙا بہ آهن اهلِ دل
❊

ڊيڄار مونکي نہ تون قبر جي عذاب کان
منهنجو وجود رهيو آ، اذيتن جو شڪار
❊

تون بہ ديوانن جي ڳالهين تي ٿو ناراض ٿين فيض
هوش جي ڳالهہ ڀلا ڪن ٿا ڇا سودائي ڀي؟
❊

هي ڳالهہ ٻي آ تہ تون بنجي وئين ساقي
مگر هي ياد رهي، ميئڪده اسان جو آ
❊

عهد حاضر ۾ وڏو عيب آ، بي عيب ٿيڻ
۽ چڱو ٿيڻ بري ڳالهہ زماني ۾ آهي
❊

مدت ڪانپوءِ جڏهن مان پنهنجي گهر ويس
پنهنجا ۽ پرايا سڀئي مونکي اجنبي لڳا
❊

محفل ۾ منهنجي نانوءَ ڪان ماڻهو جڏهن جليا
تو مسڪرايو بس منهنجي قسمت اها ئي تہ آ
❊

ڇا ٿي پيو جي زاهد و ملا جي دل آ بي چراغ
گوشئہ مسجد اندر رکيل ڏيئو ٻيي گهٽ نہ آ
جي سرِ مقتل هجي ذڪر بتان جو حوصلو
حجرهءِ تاريڪ ۾ يادِ خدا ٻيي گهٽ نہ آ
❊

جي خود جليا تن زماني کي روشني بخشي
چراغ ڪيڏا مقدس ٿيا رهنمائن ڪان
❊

ايوانِ سياست ۾ ڪئين ساز ڇڙيا آهن
مونکي هر هڪ ساز ۾ سازش نظر آئي
❋

ٿا چون ماڻهو تہ حيران ڇو ٿو ٿين تون فيض
سچ چون ٿا تہ آ، نادار جي عزت ڪهڙي
❋

پيو ٿو سوچيان تہ اشڪِ حسرت ئي ڪريان
نذرِ بهار پر اچي ٿو خيال، رهجي ويندو مون وٽ باقي ڇا
❋

آ گردشِ ايام جي هيءَ مرضي تہ اي فيض
جيئن گذري رهي آهي، انهيءَ ريت گذاريان
❋

ڇو ٿا ڏيڄاريو جهنم کان جيئڻ وارن کي
غمِ حيات کان زياده ڪوئي عذاب نہ آ
❋

آءُ تہ مان توکي پريشانين جو ٻڌايان حل
پوشيده دل جو چين آ. رزق حلال ۾
❋

خلوص دل ۾، نہ پاڪيزگي آ، ڳوڙهن ۾
جهانِ عشق جو ماحول پيي سياست آ
❊

دلين جا زخم نتا ملم ساڻ پرجن فيض
علاج هنن جو تہ محبت ڀري زبان ۾ آ
❊

ايڏا فريب کاڌا آهن ساري عمر مون
جو دنيا منهنجي نظر ۾ نا معتبر ٿي وئي
❊

ويون سجي وري نفرتن جون هر طرف بازارون اڄ
هاڻ محبت نام جي جنسِ گران ملندي نہ فيض
❊

رات پر ڏسندو رهيو آ، چنڊ ڪنهن جي راهہ ڪي
اهڙو پابند وفا مون حسن ڪي ناهي ڏٺو
❊

پرديڀ دوستيءَ جي دغا ڪن ٿا دوست پر!
هي ڄاڻيندي بہ مون ڪان شڪايت نہ ٿي سگهي
❊

تون بہ آن محروم حج، بندو بہ آ محروم حج
تون مونکي الحاج سڏ ۽ مان توکي حاجي سڏيان
❊

جدائيءَ منهنجي ۾ توکي گهڻو ڪجهہ ياد ايندو فيض
منهنجون سي شرم سان پريل، نگاهون ياد ايندين توکي
❉

ضميرِ آدمي آ، آئينو، هي چو وساري ٿا ڇڏين
چهرو پنهنجو ڏسڻ ان ۾ چو وساري ٿا ڇڏين
شام ٿيندي ئي ٿا پهچن پيا پکيئڙا گهر پنهنجي
فيض چو گهر پنهنجي جي ماڻهو راهہ پلجي ٿا وڃن
❉

قيادت جي تماشا گاهہ، نتي رهي ڪڏهن
هتي سرزد گهڻا ئي ڪارناما ٿا رهن ٿيندا
ڪڏهن هن جي وفاداري، ڪڏهن هن جي وفاداري
سياسي زندگيءَ ۾ اهڙا ڊراما ٿا رهن ٿيندا
❉

مصيبتن ۾ بہ دستِ طلب، دراز نہ ٿيو
آهيان مان ڪجهہ بہ مگر باوقار آهيان
❉

سدا اسان سان محبت سان پيش ايندو ڪر
ڏاڍو ڪشاده دل و جان ساز مان آهيان
❉

سچائين ڪان زبان باز اچي سگهي نہ قلم
انهيءَ خطاتي سزاوارِ دار آهيان مان
❉

خفا رهن ٿا مون کان منهنجا همر اثر ان لاءِ
عهدِ ستم جا جو مان داستان ٻڌايان ٿو

❊

پنهنجن جي دشمني ڪڏهن غيرن جي دشمني
مشڪل آ زندگيءَ جو سفر آ گهيءَ سان فيض

❊

پيو ٿو سوچيان تہ ڪا حد آ ، آزمائش جي جوا
هر دور ۾ ئي صرف مان ٿو آزمايو وڃان
دنيا سان بغاوت تہ هزارن آ ڪئي فيض
پر وٽن منهنجو فقط نام ٿا دنيا وارا

❊

گزشتہ دؤر بہ ماضيءَ سان فيض ٿي ويو دفن
نئين صديءَ ۾ نئون دؤر آ اچڻ وارو

❊

نہ عذاب نامرادي، نہ ثواب پر اميدي
منهنجي زندگي آ برزخ، نہ بهشت آ نہ دوزخ

❊

صرف الله جو نہ پر، ذڪر بتان کي بہ فيض
اسان چاهيو آ ، وڏي جذبہ ايمانيءَ سان

❊

جو پنهنجي دور ۾ تقدير جو سڪندر هو
اچي ويو پنهنجي گناهن جي احتساب ۾ سو
❊

جنهن تي ڪرسيءَ ڪي ڇيو پئي محفوظ،
اڄ ڪٿي آ، سو تصور ان جو
❊

سندس ئي تيغ، سندس سيني لڳي، هي آ عبرت جي گهڙي
جنهن جي هڪ جنبش لب سان ٿي ٿيو قصو تمام
❊

ان جي لاءِ تيار اڄ آهي، ڦاسيءَ جو ڦندو
هيءَ آ عبرت جي گهڙي
❊

دنيا آ جاءِ عبرت، رهو با خبر ضرور
رهي خوفِ احتساب ۾ اهلِ نظر ضرور
❊

نفرت ڀري فضا ۾ بہ دامن دراز رک
ڪوئي متان وجهي اچي الفت جا چار گل
❊

جن جي غيرت تي وڏو ناز هو مونکي فيض
منهن لڪائي آهن ويٺا اڄ ڪمين ڳاهن ۾
❊

نہ وڪاڻو آهيان ۽ نہ وڪامندس مان ڪڏهين
اي عزتِ نفس جي بازار سجائڻ وارا
جَبر جي اڳيان ڪڏهن پِي نہ جهڪيو آهي فيض
مونکي احساس غلاميءَ جو ڏيارڻ وارا
❊

چهرهء تهذيب ڪي ائين مسخ ٿيندو ڏسي
سرنگون خاموش اهلِ انجمن اڄڪلهه آهن
❊

ظرف و نظر جو اڄ ڪلهه معيار نہ آ ڪوئي
آ دؤر ڪهڙو، پُرسَشِ اقدار نہ آ ڪوئي
❊

پنهنجي ناقدريءَ تي مون، روئي ڏنو
ڪلنديِ هن مونکي چيو مستر نہ ائين گهبراءِ تون
❊

قدر دانيءَ جو هتي بس شرط آهي فيض موت
تنهنجو پِي ٿيندو قدر، پهرين مري ڏيکار تون
❊

دراصل انسان آهي ئي اهو
جو زندگيءَ جي راهہ ۾ ڪلندي هلي
❊

آدميءَ جي غم ڪُهني را ڳٽي
ٻڏندي ٻڏندي ڪن ئي ٻوڙا تي ويا
❊

دل تہ ڏاڍو ٿي چوي سچ چوڻ ڪان مڙ نہ فيض
پر هتي هاٽي وئي ٿي ڳالهہ هيءَ بيڪار آ
❊

اڄڪلهہ تون ٻيي نشي ۾ آن، مون سان نہ تون الجهہ جو!
آهيان ڪم ظرف جي اوقات کي مان سمجھڻ وار
❊

زمانہ گرم و سرد آيا، نشيب آيا، فراز آيا
تڏهن ٻيي صاف گوئيءَ ڪان نہ ڪڏهن فيض باز آيو
❊

دوستن جي لغزشن کي کلندي ٽاري ڇڏ، جو فيض
دوستيءَ جي واسطي دل وڏي درڪار آ
❊

راس آئي نہ مونکي دوستي ڪنهن جي بہ ڪڏهن
توڙي هر طور سان پيمانو نڀائي مون ڏنو
❊

ڇڏ وساري تون زماني جا ستم هاڻي فيض
حد کان زياده، تو زماني کي آ، آزمائي ڏٺو.
❊

پنهنجن جي بي حيائي تي ڏاڍو رنو مون فيض
جڏهن هو پيار سان مونڏي بيگاني ڪنهن ڏٺو
منهنجي غربت کي ڏنيون آهن پناهون غيرت
زندگي فيض جي لاءِ بار نہ آهي اي دوست
❊

زر کي ئي سمجهيو ويو آ، مقصد حيات جو فيض
پوءِ پست ڇو نہ ٿيندو، معيار آدميءَ جو
بچائي پنهنجي انا کي آ ورتو مون، نہ تہ فيض
تلاشِ رزق ۾ ڇا ڇا نہ پائمال ٿيو
❊

# فيض احمد فيض جي هڪ نظم جي چند شعرن جو سنڌي ۾ ترجمو

جي هجي مونکي يقين هن جو تہ! تنهنجي دل جي ٿڪاوٽ
تنهنجي اکين جي اداسي، تنهنجي سيني جي جلن
❊
منهنجي دلجوئي ۽ منهنجي پيار سان متجي ويندي
جي منهنجو حرف تسلي آ، دوا جنهن سان
ٿي ويندو روشن تنهنجو اجڙيل ۽ بي نور دماغ
۽ ويندا ڌوپجي، تنهنجي پيشاني تان تذليل جا داغ
۽ شفا ياب ٿي ويندي تنهنجي بيمار جواني تہ پوءِ!
❊
روز و شب، شام و سحر مان توکي بهلائيندو رهان
توکي مان سهڻا، مٺا گيت ٻڌائيندو رهان
آبشارن جا بهارن جي چمن زارن جا گيت
ليڪن! ناهن هي گيت منهنجا، تنهنجي ڏکن جو ڪو علاج
❊
ياد رک! تنهنجي آزار جو چارو نہ آ، نشتر جي سوا
۽ اها نشتر نہ صرف مون وٽ ئي نہ آ، پر!
هن جهان جي ڪنهين ذي روح جي قبضي ۾ نہ آ
❊

--The End--